More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

راجا ڏاهر بن چچ سيلائچ ۽ سندس محمد بن قاسم ثقفي رضي الله عنه جي هٿان برباد ٿيڻ جي ڳالهه سان ڪتاب جي شروعات

بسم الله الرحمان الرحيم

(نهايت ٻاجهاري ۽ مهربان الله جي نالي سان شروع)

خبرن جي راوين ۽ تاريخ جي مصنفن هن طرح بيان ڪيو آهي ته اروڙ جو شهر، جو هند ۽ سنڌ جو تختگاه آهي، سو [اڳئين زماني ۾] سيحُون نديءَ تي، جنهن کي مهراڻ چوندا آهن، قسمين قسمين ساڻين، چراگاهن، [۱۴] گلن، باغن، حوضن، نهرن، باغيچن ۽ گلڪارين سان سينگاريل، هڪ وڏو شهر هو: ۽ هن رونقدار شهر ۾ راءِ سيهرس بن ساهسي راءِ نالي هڪ راجا رهندو هو، جنهن وٽ گهڻا خزانا ۽ بيحد پوريل ناڻا هئا، ۽ جنهن جو عدل دنيا ۾ مشهور ۽ سخاوت جهان ۾ پکڙيل هئي. سندس حڪومت جون حدون ايرندي کان ڪشمير تائين، الهندي کان مڪران تائين، ڏکڻ کان سمنڊ جي ڪناري ۽ ديبل تائين، اتر کان ڪُرْدَن جبل ۽ ڪيڪانان تائين [پکڙيل هيون]. هن پنهنجي ملڪ تي چار حڪمران مقرر ڪيا هئا: هڪ برهمڻاباد ۾، ۽ نيرون ڪوٽ جي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

قلعي کان وڌي ديبل، لوهاڻو يعني لاکه ۽ سمه [ايراضين وارو علاڪو] ويندي سمنڊ (۱) [تائين] هن جي انتظام هيٺ ڏنائين؛ **ٻيو** سيوستان جي [مرکزي] شهر ۾ (۲) ۽ ٻڌيه، جٽڪان، رونجهان، ڪوهه پايه، ويندي مڪران جي حد سندس حوالي هئي؛ **ڏيون** آسڪلنده ۽ پاڻيند جي قلعي ۽، جنهن کي ٽڙاڙو ۽ چچپور به چوندا آهن، رهندو هو، ۽ اتي جي آسپاس وارا ملڪ ديوهڙ (۳) تائين سندس تصرف

---

(۱) اصل متن جي عبارت آهي "و دريا در اهتمار او فرمود". فارسي زبان ۾ درياء سمنڊ کي به چئبو آهي ۽ ندي کي به. اسان متن ۾ سمنڊ لکيو آهي، ڇاڪاڻ ته ديبل هن راجا جي هٿ ۾ هو ۽ ديبل انهن ڏينهن ۾ سنڌ جو بندر هو. (مترجم) پر جيڪڏهن درياء جي معنيٰ ندي وٺي ته به صحيح آهي- ڇاڪاڻ ته انهن ڏينهن ۾ سنڌوندي شهدادپور وٽان وهندي هئي، جنهن جا نشان اڄ تائين ڏسڻ ۾ اچن ٿا، ۽ عام ماڻهو انهيءَ کي "ڇٽيءَ جو درياء" چوندا آهن. شهدادپور کان پوءِ هي درياء ايرندي- ڏکڻ طرف وهندو هو- ڪنڊي آدم ۽ ٻيرائيءَ وٽ هن کي اڃا تائين "لوهاڻو درياء" چوندا آهن هن نالي مان معلوم ٿو ٿئي ته آڳاٽي سمي ۾، هن ايراضي ۾ لوهاڻا قوم رهندي هئي. نسخي **ب** ۾ "لوهاڻ" کي "سمي ۽ لاکي" جو مرڪب ڄاڻايو ويو آهي؛ انهيءَ لحاظ سان، اسان سمن ۽ لاکن جي ٻن قومن جي اڇوکين رهڻ جي جاين کي خيال ۾ رکي، هيءُ نتيجو ڪڍي سگهون ٿا ته سما ڏکڻ واري حصي ۾ رهندا هئا، ۽ لاکا شهدادپور تعلقي واري ايراضيءَ جتي اڃا تائين انهي ٽڪر کي "لاکات" چئجي ٿو (ن-ب)

(۲) اصل عبارت: در قصبه سيوستان.

(۳) اصل عبارت "ديوهنوز" (وضاحت لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيه)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ٻر هنا. چوٽين کي ملتان جي شاندار شهر ٻر رهايائين، ۽ سڪندر، برهمپور، ڪروز، اشهار ۽ تاکيلا. ويندي ڪشمير جي حد نائين انهيءَ جي حڪومت هيٺ رکيائين، ۽ پاڻ اروڙ جي تختگاهه ٻر ڏي ويٺو ۽ ڪردان، ڪيڪانان ۽ برهاس پنهنجي حڪم هيٺ رکندو هو. پنهنجي [نائب] حڪمرانن سان هڪ ڪي لڙائي جي تياري، [۱۵] گهوڙن، هٿيارن ۽ ٻئي جنگ جي ساڻ باهت ڏاڍو تاکيد ڪيو هنائين، ۽ [ساڳئي وقت] ملڪ جي حفاظت، رعيت جي دلجوئي ۽ حڪومت جي سرسبزيءَ متعلق پڻ حڪم جاري ڪيو هنائين، جيئن هو پنهنجي ولايت جي سرحدن کي محفوظ رکندا اچن، ۽ سندس ساري ملڪ ٻر اهڙو ڪوبه ظالم ڪونه هو، جو سندس ملڪ جي ڪنهن به طرف سان چيڙ چاڙ ڪري.

اوچتو الله جي تقدير سان ايران جي طرف کان نيمروز جي بادشاهه جو لشڪر حملو ڪري، اچي ڪرمان ٻر پهتو. هيءَ خبر ٻڌي راجا سيهرس بنان ڪنهن ڪڪي جي، ڏاڍي تڪبر سان اروڙ جي قلعي مان خاص لشڪر ساڻ وٺي سندس سامهون ٿيو، ۽ انهن سان جنگ ڪئي. جڏهن ٻنهي طرفن کان ناليرا مرد ۽ جنگي بهادر، خونخوار ترارن جو لقمو ڏي چڪا، تڏهن ايرانين جي لشڪر قادر حڪيم جي حڪم تي توڪل رکي حملو ڪيو. راجا سيهرس جو لشڪر ذليل شڪست کائي پڇي ويو، مگر سيهرس پنهنجي عزت ۽ نالي خاطر ٻيٺو رهيو، ۽ ڪسي وڃڻ تائين جنگ ڪندو رهيو.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

نيمروز جو بادشاهه موڻي وبو، ۽ سيهرس جـو پٽ راءِ ساهسي پيءُ جي ملڪ جي تخت تي ويهي انهيءَ ملڪ جو خودمختار حاڪم ٿيو. سندس پيءُ جي هٿ هيٺ رهندڙ چٽني حاڪمن سندس تابعداري ۽ موافقت ڪري، سندس فرمان مڃيو، ۽ پنهنجا خزانا هن جي حوالي ڪري، سندس اطاعت ۽ اخلاص پنهنجو امتياز بنايائون، جنهنڪري وڏي راءِ ساهسي جي سموري بادشاهي، هن جي اثر ۽ اقتدار هيٺ آئي، ۽ رعيت سندس عدل ۽ انصاف کان آسودي ٿي. [۱۶]

هن کي هر قسم جي علم ۽ حڪمت سان سينگاريل [راءِ نالي] هڪ حاجب (۱) هو، جنهن جو حڪم سڄي ملڪ تي هلندو هو، ۽ سندس ڪم هر ڪوبه ماڻهو دست اندازي يا رنڊڪ ڪائم ڪندو هو، ۽ خط و ڪتابت جو دفتر پڻ سندس چارج هر هو: ساهسي راءِ کي پڻ سندس قلم ۽ بلاغت تي پروسو هو ۽ ڪڏهن به هن جي صلاح کان باهر نه ويندو هو.

چچ بن سيلائچ جو راءِ حاجب جي خدمت هر اچڻ.

هڪ ڏينهن حاجب رام، بُڌِيمَن وزير سان آفيس هر ويٺو هو ته هڪ برهمڻ آيو، ۽ اچي سڻن لفظن هر تعريف ۽ ساراهه ڪيائين. راءِ حاجب کانئس پڇيو تہ: اي برهمڻ! ڪٿان آيو آهين ۽ ڪهڙي ڪم سان تڪليف ورتي اٽيئي؟ برهمڻ وراڻيو تہ: منهنجو نالو چچ آهي ۽ سيلائچ راهب جو پٽ

(۱) حاجب = Chamberlain

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

آڏيان، سنهنجو پاڻ چندر ۽ منهنجو پيءُ ٻئي اروڙ شهر جي باهراڙيءَ ۾، هڪ مندر ۾ عبادت ڪرڻ ۾ مشغول رهيو، ساهسي راءِ ۽ رام حاجب کي دعائون ڪندا رهندا آهن، مون کي رام حاجب سان ملاقات ڪرڻ جو خيال آهي، چاڪاڻ تہ [اڇلهه] هو [پنهنجي] فصاحت جي سبب ڪري عزت جي ڪنجي ۽ بخت جو سرُناسو آهي، جيئن آءٌ سندن خدمت جو سهارو حاصل ڪريان. حاجب رام چيو تہ: فصاحت ۽ بلاغت ۾ [بيشڪ] تنهنجي زبان ڪليل آهي، پر ادب جو فن ۽ لکپڙهه جي قابليت ۾ ڪجهه ڄاڻين؟ چچ چيو تہ: چارئي [۱۷] ويد، رگ [وِيد]، يجُر [وِيد]، اٿر [وِيد] ۽ سام [وِيد] ياد اٿم، ۽ وزير صاحب جنهن ڪم جو ارشاد فرمائيندو، سو ايمانداريءَ، صحت، ديانتداريءَ ۽ قابليت سان، جيئن سڪيو اٿم، نهايت اخلاص سان پورو ڪندس. اڃا اها گفتگو ڪري رهيا هٿا تہ سڪهه ۽ ديبل جي طرفان ڪن مصلحتن متعلق لکيا آيا. رام حاجب اهي خط هن کي ڏنا. چچ اهي بهترين نموني ۾ سندس گذارش هيٺ آندا، ۽ انهن جو جواب بهترين الفاظن ۽ عمده خط ۾ قلمبند ڪيائين. رام حاجب هي ڏسي، سندس فصاحت، بلاغت ۽ سهڻن اکرن جي تعريف ڪئي، ۽ ڪيس ڏاڍي تعظيم ۽ وڏي انعام سان نوازي، چيو تہ: مون کي گهٽا ڪم ۽ مصلحتون رهن ٿيون، جنهنڪري ممڪن آهي تہ ڪنهن موقعي تي [راءِ سهاسي جي] خدمت ۾ حاضر ٿي نہ سگهان، تنهنڪري

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

منهنجي نائب جي حيثيت ۾ خط و ڪتابت جي آفيس ۾، راءَ جي در تي حاضر رهندو ڪج.

ڇڇ اهو ڪم پنهنجي هٿ ڪيو ۽ وڃي ان کي لڳو، تان جو هو "ديوان رسائل" (وزير مُراسلات) جي نالي سان سڏجڻ لڳو. آخر هڪ ڏينهن، راءَ ساهسي درٻار ۾ آيو، ۽ شهر جا مڪين ۽ وڏا ماڻهو حاضر هٿا جو ايتري ۾ سيوستان ڪان کي خط پهتا. راءَ، رام حاجب کي ڪهرايو، پر هو اڃا آفيس ۾ نه آيو هو. ڇڇ چوائي موڪليو ته: مان [١٨] رام حاجب جو نائب آهيان، جيڪڏهن ڪنهن خط لکڻ جي ضرورت هجي ته هيءُ بندو لکي اهو ڪم پورو ڪري ڏئي. راءَ ساهسي کيس سڏايو. ڇڇ انهيءَ لکيي کي سڌي نموني گذارش هيٺ آندو ۽ کولي کولي بيان ڪيو، تنهن کان پوءِ ان جو مٿن لفظن ۽ سڌن اکرن ۾ جواب لکي، راءَ جي آڏو پيش ڪيو، [جو] راءَ ساهسي، جو پڙ خط ۽ بلاغت جي علم ۾ ڏاڍ هو، مطالعو ڪري پسند ڪيو، ۽ عزت افزائي ڪري [ڇڇ لاءَ] "مُطلق نيابت" (١) جو آردر ڪياٿين.

رام حاجب جڏهن محلات ۾ آيو، تڏهن راءَ ساهسيءَ کانئس پڇيو ته: ڏاڍو هنرمند، فصيح نائب ۽ خوشخط ڪاتب ڪٿان هٿ ڪيو اٿيئي؟— انهي کي خوش رکي، سندس تربيت ڪندو رهج. رام وزير عرض ڪيو ته: هو سيالائيچ برهمڻ جو پٽ آهي، ۽ ايماندار، ڪم جو ڄاڻو ۽

(١) يعني "عام مختار نائبي."

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

سنئون سڏو [ماڻهو] آهي. رام حاجب، چچ جي حق ۾ راجا جي دل صاف ڏسي، هن ڏانهن ڏاڍو توجه ڪرڻ لڳو، ۽ نائب وزيري پٽ سندس حوالي ڪيائين، جنهنڪري [هن جي] روبرو خواه پرپٽ، سندس ڪم [چچ] سر انجام ڪندو رهيو، ۽ بادشاهيءَ جي ڪاروبار ۽ حڪومت جي مصلحتن ۾ دخل ڏيندو رهيو. جڏهن به راءَ جي خدمت ۾ ويندو هو تہ [هو] کيس! نوازيندو هو ۽ انعام، اڪرام سان سرفراز ڪري کيس هن ڪم کي جاري رکڻ جي نصيحت ڪندو هو، ۽ چوندو هوس تہ: هن ڪم کان [هڪ تہ] ڪاروبار جو نظام درست ٿو ٿئي، ۽ [پيو تہ] توکي به وڏو عهدو نصيب ٿيندو. اهڙيءَ طرح هن کي پلائي جي وعدن سان اميدوار ڪندو هو. [نيٺ] الله تعاليٰ جي قضا سان رام حاجب جي عمر پوري ٿي ۽ هو اجل جو شڪار ٿيو. [١٩].

وزارت جو چچ بن سيلاڻچ جي حوالي ٿيڻ

پوءِ راءَ ساهسيءَ، چچ کي سڏي وزارت جو ڪم کيس سپرد ڪيو. چچ ماڻهن سان همدرديءَ ۽ فراخدليءَ سان گذاريندو رهيو، جنهنڪري سڀ ملڪ ضابطي هيٺ آيا، ۽ سڀني سندس تابعداري ڪئي، ۽ وزيريءَ خواه سرشتيداريءَ ۾ ڪمال ڏيکاريائين.

هڪ ڏينهن راءَ ساهسي خاص خلوتخاني ۾ راڻي سونهن ديوي (١) سان ويٺو هو. هيءَ عورت راءَ تي غالب

(١) فارسي ايڊيشن ۾ "سونين ديو" پڙهڻي قائم ڪئي ويئي آهي. ن ۾ هر جڳهه "سونهدي" آهي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هئي، جنهنکري هو سندس عزت ڪندو هو. اٿري ۾ ڇڇ وزير محلات جي در تي آيو، ۽ خاص محرم درٻان کي، راءَ ساهسي ڏانهن پيغام ڏنائين تہ: ڇڇ ڪنهن ضروري ڪم سان محلات جي در تي انهيءَ لاءِ آيو آهي تہ جيڪو مشڪل پيدا ٿيو آهي، سو راءَ جي خدمت ۾ گذارش ڪري. جيڪڏهن فرصت هجي تہ اندر اچي عرض ڪري. راجا، راڻيءَ کي چيو تہ: [جيئن تہ] هڪ نامحرم حرمسراء ۾ ٿو اچي، تنهنکري تون پردي پويان هلي وڃ. راڻي سونهن ديوي چيو تہ: "ڪيئي اوباش ۽ نوڪر پيا اچن، جيڪڏهن هڪ برهمڻ ايندو تہ منهنجو هن ڏانهن ڪهڙو توجه ٿيندو، يا هن کان ڪهڙو شرم ڪرڻ گهرجي، جو ڪانئس لڪان!— منهنجا هزار ساهم ساهسيءَ جي قدمن جي خاڪ تان قربان هجن شال!" هوءَ عورت جڏهن کو انگل ڪندي هئي تہ راءَ هن جي راءَ کان باهر نہ ويندو هو، جو راءَ سندس ڪرن جو خريدار هو؛ سو ڇڇ کي سڏايائين، ۽ هو جن مصلحتن سان آيو هو، سي راءَ جي آڏو بيان ڪري، سهڻي نموني گذارش هيٺ آندائين. [۲۰]

راڻيءَ جو ڇڇ تي عاشق ٿيڻ ۽ ڇڇ جو سندس محبت ڪرڻ کان انڪار ڪرڻ.

ڇڇ برهمڻ، هڪ خوبصورت، سهڻن عضون، شاندار هاڻي، نازڪ بدن، سر وقد ۽ لال ڪلن وارو نوجوان هو. راڻيءَ جڏهن سندس سهڻي صورت ۽ سهڻي سر و قد ڏٺو تہ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

متس جان ۽ دل سان عاشق، مفتون ۽ چ-ري ٿ-ي پئي، ۽ سندس سونهن، صورت ۽ پوشاڪ ت-ان حيران ٿ-ي، سندس عجيب الفاظن ۽ وٽندڙ اک-رن تي دل قربان وڃ-ي. چچ جي محبت سندس دل ۾ گهر ڪيو؛ عشق جو سلو، راءِ جي زال جي دل واريءَ زمين ۾ وڏي وڻ ٿيو. راج-ا کي هار پيدا ڪرڻ جي لياقت ڪانه هئي، تنهنڪري راڻيءَ کي منجهائنس ڪوبه فرزند ڪونه هو. آخ-ر هڪ ڪراڙي ڏوتيءَ هٿان پيغام موڪلياٿينس ت-: اي چ-چ! تنهنجي پنبڻين جي تير منهنجي دل کي ڦٽي وڏو آهي، ۽ تنهنجي جدائيءَ جو زنجير [هر وقت] منهنجي ڳچيءَ ج-و ڳٽ ٿي پيو آهي، مون کي اميد آهي ته ت-ون پنهنجي وصال جي دواخاني سان منهنجو علاج ڪندين، ۽ همدرديءَ ج-ي هٿ س-ان اه-و ڳٽ منهنجي گ-ردن م-ان کولينديين، ۽ پنهنجي محبت جي هار ۽ هانپ جي واليءَ سان منهنجي ڳچيءَ ۽ ڪنن کي سينگاريندين؛ ۽ جيڪڏهن ت-ون منهنجو ه-ي عرض قبول نه ڪندين ته مان پاڻ کي خون ڪري ڇڏيندس. شعر

هيچت افتد کاين دل من شاد کني
وز هجر و فراق خ-ويش آزاد کن-ي
ور ب-از کشي اي صنما! روی ز من
فرياد کنم مها که بيداد کني [۲۱]

[ڇا ڪڏهن منهنجا پرين منهنجي هيءَ دل شاد ڪندين؟
۽ پنهنجي هـ-جـ-ر سندي قيد ک-ان آزاد ڪندين؟

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

پر جي محبوب ڏو موڙين تون پنهنجو منهن مون کان
ڪندس فرياد اي دلدار جي بيداد ڪندين]

پوڙهيءَ جڏهن هيءَ پيغام ڪيس پهچايو تہ چچ انڪار ڪيو، ۽ پاڻ کي روڪڻ واجب چائي چيائين تہ: راجائن جي حرمن ۾ خيانت ڪرڻ جان جو خطرو، آخرت جي گرفتاري ۽ دنيا جي بدنامي آهي، ۽ بادشاهن جي ڪاوڙ جڏهن جوش ۾ ايندي آهي تہ ان کي ڪوبہ ڦردو روڪي ۽ دفع ڪري نہ سگهندو آهي؛ تنهنڪري هيءَ خيال ڇڏي ڏي: خصوصاً اسان لاءِ، چاڪاڻ تہ اسين برهمڻ آهيون ۽ منهنجو پيءُ ۽ پاءُ راهب آهن، جيڪي اڄ تائين پنهنجي عبادتگاهہ ۾ گوشہ نشين ۽ پاڻ ۾ وبئل آهن: منهنجي لاءِ اهائي بيعزتي ڪافي آهي، جو بادشاهہ جي نوڪريءَ ۾ آيو آهيان، جتي اميد ۽ خوف جي وچ ۾ حياتي گذارڻي پوي ٿي؛ چاڪاڻ تہ مخلوق جي نوڪري [هميشہ] غضب جي ڪر سان گڏيل آهي، ۽ دانائن کي ناپسند، چٽن شين تي اعتماد نہ ڪرڻ گهرجي: بادشاهہ، باهہ، ڦانگ ۽ پاڻيءَ تي: انهيءَ سان گڏ وري هيءَ گلا بہ اختيار ڪريان!— سو مون وٽان هيءَ مراد پوري نہ ٿيندي. هن پيغام پهچڻ تي [راڻي] نرم ۽ تمام ڏرو ٿي چوائي موڪليو تہ: جيڪڏهن اسان جي ورونهن ۽ ميلاپ کان پرهيز ڏو ڪرين تہ [پلا] هر روز وقت ناوقت پنهنجي خيال ۽ جمال کان اسان کي بهره اندوز تہ ڪندو رهج تہ تنهنجي وصال جي اميد تي خوش رهندي اچان.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

رباعي

خرسندم اگر سال بسالت بينم
ور در عمري شبي خيالت بينم
نوميد نگردم از خيالت صنما !
آخر روزي شب وصالت بينم:

[آهيان راضي مان ڏسان توکي اگر سال بسال
يا ڏسان عمر ۾ ڪنهن رات تنهنجو خواب خيال
ڪين اميد پليان تنهنجي خيالن ڪان صنم!
نيٺ ڪنهن ڏينهن ٿيندو مون سان تنهنجو يار وصال.]

جڏهن اکيون اڙيون تہ دل [بہ] يار جي وصال ۾ گرفتار ٿي [۲۲]، ۽ نيٺ سندن وچ ۾ وصال جا صبح اچڻ لڳا، جنهنکري روحاني موافقت محڪم ٿي، ۽ سندن محبت ۽ الفت مضبوط دستاويزن جي لسٽ ۾ شمار ٿيڻ لڳي.

راڻ کي هنن جي حال جي کابہ خبر کانہ هئي. مخالف ٽولو اگرچ سندن حسن [سان گڏ هڪٻي ڏانهن] سندن نگاهہ ڏسي بدگمان وهيو ٿي، پر جنهن صورت ۾ ڪنهن بہ اکين سان نہ ڏٺو هو، تنهنکري [هي راز] مخفي رهندو آيو. ڪن دشمنن، راڻ کي هن حال کان واقف ڪري، اطلاع ڏنو [پر] راڻ قبول نٿي ڪيو. چئي: منهنجي حرمسراء کان اهڙو ڪم نہ ٿيندو، ۽ چ-چ وزير اهڙيءَ بيحرمتي جو روادار هرگز نہ ٿيندو. ٿوري وقت کان پوءِ، اهو ملڪ پورو سندس [چچ جي] تصرف هيٺ اچي ويو، ۽ جيڪو بہ ڪم ڪندو هو. سو راڻ کي پسند ايندو هو، ۽ راڻ ساهسي کابہ مصلحت سندس صلاح کان

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

سواء ته کندو هو. نيٺ سڄي ملڪ تي ڇڇ جو حڪم جاري ٿي ويو.

ساهسي راءَ جو دارالفنا مان انتقال ڪرڻ.

آخر خدائي قضا مخفي پردي جي پويان ظاهر ٿي. راءَ بيمار ٿيو ۽ بيماري ڏگهي ٿـي پئي، ۽ موت جي نشانين هن جي حياتيءَ جي چهري کي ڦيرائي ڇڏيو. راءَ جي زال گـهٽي ۾ ٻڌجي، ڇڇ کـي گهرايو ۽ چيائينس ته: اي ڇڇ! راءَ جي عمر پوري ٿي چڪي آهي، ۽ موت جون نشانيون هن جي جسم ۾ ظاهر ٿي ويون آهن؛ راءَ کي ڪو فرزند ڪونہ آهي، جو سندس مرڻ تي ملڪ جو وارث ٿئي، ۽ انهي ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي ته راءَ جا مائٽ ملڪ ۽ ملڪيت تي قابض ٿيڻ سان، ضد سبب، اسان کي ڏکارڻ ۽ ڏکوئڻ شروع ڪندا، بلڪ جيئن ته راءَ جي حياتيءَ ۾ ئي طعنن جي زبان کولي هٿائون [۲۳]، ته پوء هينئر اسان کان جان ۽ مال کسي ونڊندا. مون کي هڪ رٽ خيال ۾ اچي ٿي، ڀلڪ اٿم ته درست ثابت ٿيندي، اسان جي مراد بالڪل پوري ٿيندي، ۽ هيءُ ملڪ وري توکي ملندو: چاڪاڻ ته منهنجو عقل تقاضا ٿو ڪري ته اسان جي همت سان ڏئي پاڻ هيءُ ملڪ تنهنجي حوالي ڪندو، هيءُ بادشاهي ۽ عزت تو سان قائم رهندي، ۽ سڀئي تنهنجي تابعداري ڪندا. ڇڇ چيو ته: تنهنجو حڪم منهنجي اکين تـي آهي، ۽ تنهنجو فرمان [ضرور] عين

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مصلحت هوندو، ليڪن مخلص خدمتگارن سان صلاح ڪرڻ [پئ] فرض آهي، [تنهنڪري] اسان کي به هن حال کان واقف فرمائج. [تنهن تي] رائي سونهن ديوي چيو ته: پنجاهه ڪڙولن ۽ ڳڻن تيار ڪرڻ جو حڪم ڏي، ۽ رات جو مخفي طور آڻي اندر تهخاني ۾ تيار رک. [پوء] چڇ حڪم ڪيو، جنهن تي گهربون پيڙهون ۽ زنجير تيار ڪري، راتو رات محلات ۾ آڻي تهخاني جي هڪ ڪنڊ ۾ تيار ڪري رکيائون.

جڏهن راء جو پويون وقت ٿيو ۽ سڪرات جي حالت ٿيڻي، ۽ ويجهن اڻي ٻاهر وڃڻ جي ڪئي، تڏهين راڻي سونهن ديوي چيو ته: گهڙي ڪن گهر ۾ اندر ترسو، ۽ [پنهنجي] هڪ ايجنٽ کي حڪم ڏنائين ته: سيني کي گهر ۾ پوري دروازو بند ڪري ڇڏ، جئن راء ساهسي جي موت جي خبر شهر ۾ نه پوي، ۽ جيڪي تنهنجا ۽ سنهنجا تابع آهن، تن سيني کي محلات ۾ آڻ. [بس ٿيو ته] پنهنجن سيني تابعدارن کي محلات ۾ آندائون. پوء چيائين ته: فلاڻو فلاڻو، جيڪي راء جا عزيز آهن ۽ ملڪ جا ديدويدار آهن، تن سيني کي هڪ هڪ ڪري سڏ. اهڙيءَ طرح هڪ هڪ کي، انهي ٻهاڻي سان ته راجا اڄ البت خوش آهي، ۽ هن سان کا صلاح ڪرڻي اٿس، آندائون ٿي؛ ۽ جڏهن حاضر ٿيا ٿي [۲۴]، تڏهن کين اندر ٿي موڪلياڻون، جتي خاص پروسي جوڳن ماڻهن کين قيد ٿي ڪيو نيٺ سيني مخالفن کي بند ڪري، پيڙهن ۽ ڳڻن ۾ قيد ڪيائون. پوء راء جي مائٽن سان ٻئي ٽولي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

کي جيڪي غريب هٿ، سڏي ٽي چيائين تہ: اڄ راڻ تنهنجي فلاڻي عزيز تي، جنهن جي ڏمر کان توکي رات جو نند ڪانہ ايندي هئي، کاوڙجي ڪيس قيد ڪيو آهي؛ تون جيڪڏهن فقر فاقي کان نجات چاهين ٿو، ۽ شان شوڪت ۽ مال حاصل ڪرڻ. گهرين ٿو تہ قيدخاني ۾ گهڙي، پنهنجي دشمن جو سر ڏڙ کان ڌار ڪري، هن جو گهر، اسباب، نوڪر ۽ زمين وڄي پنهنجي قبضي ۽ تصرف ۾ آڻ. اهڙيءَ طرح هرهڪ ويو ٽي ۽ پنهنجي مخالف کي ڪُهي، هن جي گهر، وهٽن، ڪپڙن، اسباب، دولت ۽ عيال تي وڄي متصرف ٿيو ٽي. انهيءَ نموني هڪ ٽي رات ۾ مخالفن کي خونخوار تراز جي خوراڪ ڪيائون، ۽ ڪين دشمن کان دلجاء ٿي، ڇو تہ انهيءَ ملڪ ۾ ڪوبہ مخالف ڪونہ رهيو، جو ميراث جي دعويٰ ڪري.

ڇچ بن سيلائڻ جو راجا ساهسي راڻ جي تخت تي ويهڻ.

پوءِ جڏهن موافق لشڪر ۽ نوڪرن کي پنهنجي تابعداريءَ هيٺ آندائون، ۽ مفلس ٽڪڙ، جن سندس تابعداري قبول ڪئي هئي، سي سڀ هٿيار پنوهار پهري، بالڪل تيار ۽ هوشيار ٿي، دربار ۾ صفون ٻڌي اڇي ٻيٺا، ۽ سڀني واپارين، ڪاريگرن، مڪين ۽ وڏن ماڻهن کي حاضر ڪري بادشاهيءَ جو تخت سينگاريائون ، تڏهن راڻي سونهن ديوي پرده پٽيان اڇي، ٻڌربڻ وزير کي انهن ڏانهن پيغام ڏنو تہ [۳۵]: دربار جي اڳواڻ ۽ مکيہ ماڻهن کان خير عافيت

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

پڇن کان پوء کين راجا جو حڪم پهچائي ٻڌاء: تہ اگرچ سندس بيماري صحت ڏانهن رخ رکيو آهي ۽ تندرستي حاصل ٿي چکي اٿس، ۽ هيءُ جيڪو انتقامي ڪارروائيءَ جو حادثو ٿي چڪو آهي، تنهن جي صدمي کان راڻ ساهسيءَ کي درٻار ۾ اچڻ جي طاقت ڪانهي، ۽ [ڊپ آهي] تہ ماڻهن ـــ شريف خواه رذيل، طاقتور خواه ضعيف ـــ جو ڪاروبار مهمل رهي، تنهنڪري پنهنجي حياتيءَ ۾ حاجب چڄ کي پنهنجو نائب مقرر ڪري ٿو تہ متان رعيت، جا خدا جي امانت آهي، تنهن سان بي انصافي ٿيڻ ڪري، ملڪ ۾ ڪو خلل پيدا ٿي پوي.

[اهو پيغام ٻڌي] سيني ادب کان گوڏا کوڙيا ۽ زمين تي متا ٽيڪيا ۽ چيو تہ: راڻ جي حڪم جا تابعدار آهيون، ۽ چڄ وزير [پڻ] بهرحال سهڻين ۽ وٺندڙ عادتن سان سينگاريل آهي، ۽ سندس عقل جي بدولت ملڪ جو ڪاروبار درست [هلي رهيو] آهي. تنهن کان پوء راڻي سونهن‌ديوي هڪ هزار تابعدارن ۽ مخلص رئيسن، اڳواڻن، سپه سالارن ۽ اميرن کي قيمتي، رنگا رنگي ۽ جڙاءُدار انعام اڪرام ڏيئي، ملڪ جو چٽ چڄ جي سر تي وڪي، ڪيس تخت تي ويهاريو. سيني انهيءَ تي فخر ڪري، نئين سر خدمتگاري جا شرط بجا آندا. پوء سندس فرمائش تي وزير [ٻڌيمن] نئين سر وزارت جي عهدي تي مقرر ڪيو ويو، ۽ خاص ماڻهن کي وڏن انعامن سان سرفراز ڪري، اميرن کي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جاگيرن جا نوان پروانا عطا ڪيائون. [اهڙيءَ طرح] بادشاهي پڪيءَ طرح چڄ جي هٽ آڻي.

هن ڪالهه کي ڇهه مهينا گذري ويا. آخر ساهسي راءَ جي موت جي خبر سندس پٽ مَهْرَٽ (١) کي پهتي، جو چترور (٢) جو بادشاهه هو. [تنهن تي] هو وڏو ڪٽڪ، سمت هاڻي ۽ دلير بهادر ساڻ وٺي لڙائي لاءِ تيار ٿي، چڄ تي ڪاهي آيو، ۽ اروڙ ڪان ٽي ميل هڙي اچي ڪنڀ ڪيائين. هن پنهنجن وزيرن [٣٦] ۽ خاص مائهن جو هڪ ٽولو وند طور [چڄ ڏانهن] روانو ڪيو، ۽ پيغام موڪلياٿين تہ: هن ملڪ جو وارث مان آهيان، هيءَ ملڪ منهنجي ٻيءَ ڏاڏي جو آهي، تنهنڪري ٻاڻ جي ميراث جو آءٌ وڏيڪ حقدار آهيان؛ [جيڪڏهن ملڪ منهنجي حوالي ڪندين تہ] توکي تنهنجي ساڪيءَ وزهريءَ ۽ نائبيءَ جي عهدي تي قائم رکيو ويندو، ۽ تو سان هميشه مهرباڻيءَ ۽ احسان جي روش ڪئي ويندي.

---

(١) فارسي چاپي ۾ "مهرت" آهي ۽ نسخي ن جي ۾ اهائي پڙهڻي آهي. پ ۾ "مهترين" ۽ ر ۽ م ۾ هر جڳهه "مهرب" لکيل آهي. هت "مهرت" نالي جي اصليت کي مدنظر رکندي، "مهرٽ" ڪري لکيو ويو آهي.

(٢) پ، ڪ، ر ۽ م جي اڪثر اهائي پڙهڻي آهي ۽ شهر چتور جو آڳاٽو نالو ٻ، اهو آهي (ڏسو آخر ۾ حاشيہ ص ٢٦) ۽ انهيءَ ڪري اها پڙهڻي قائم رکي وئي آهي. فارسي ايڊيشن ۾ "چتور" رکيو ويو آهي. (نب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

چچ جي مهرٽ سان جنگ ڪرڻ ۽ ڪيس نڪيءَ سان قتل ڪرڻ.

پوءِ چچ راڻيءَ وٽ آيو ۽ اڇي ٻڌايائينس تہ: هي دشمن گهر جي در تي اچي بهتو آهي، ۽ ملڪ ۽ ميراث جي دعويٰ ڪري ٿو، هاڻي ڪهڙي صلاح آهي؟ ساهسيءَ جي زال ڪلي چيو تہ: سان پرده نشين عورت آهيان، جيڪڏهن مون کي جنگ ڪرڻي آهي تہ پوءِ تون منهنجا ڪپڑا پائي [گهر ۾] ٽي ويهہ ۽ پنهنجا ڪپڑا مون کي ڏي تہ ٻاهر نڪري وڃي جنگ ڪريان. بزرگن جو چوڻ ڪونہ ٻڌو اٽيئي تہ ڪنهن کي لاءِ جيڪڏهن ڪو ماڻهو مقرر ٿئي، ۽ [مقرر ٿيڻ کان پوءِ] اهو ماڻهو عقل ۽ تجربي کان ڪم وٺي تہ هو [ضرور] انهيءَ کي ۾ ڪامياب ٿيندو ۽ وڃي پورو ڪندو: جڏهن بادشاهي تنهنجي حوالي ۽ تو ڏانهن منسوب ٿي چڪي تہ پوءِ منهنجي صلاح جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ تيار ٿيءَ ۽ گجندڙ شير وانگيان ميدان ۾ وڃي، دشمن جي دفع ڪرڻ جي ڪوشش ڪر؛ چاڪاڻ تہ عزت ۽ نالي سان مرڻ، پاڻ جهڙي آڏو، ذلت برداشت ڪرڻ کان بهتر آهي: بيت

هم فيل داري، هم چشم- هم خيل داري هم خدم
مردانہ بيرون^ نيہ^ قدم- زبر و زبر کُن خصم^ را
[گهوڑا ۽ هاڻي تو ڪٽيا- لشڪر ۽ نوڪر اڻگٽيا،
تو ۾ وڏي مولي مٽيا- ڪر خصم کي زير و زبر.]

چچ، راڻيءَ جو جواب ٻڌي شرمندو ٿيو ۽ لڑائيءَ جا هٿيار ٻهري، لشڪر سينگاري، صفون ٻڌي، سامهون ٿيو،

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۽ جيڪي ماڻهو اڃا قيد ۾ هٿا، تن سيني کي ٻڌ ٻاهر ڪيري، عزت ڏيئي، نئين سر انجام اقرار وڌي، پنهنجو احسانمند بنائي، اڪرام ۽ وعدن سان سرفراز ڪري، دشمن جي جنگ لاء ميدان ۾ آندائين. [هوڏانهن] راڻ مهرٽ پنهنجي لشکر جو قلب، ميمنو، ميسرو، مقدمو ۽ ساقو (۱) تيار ڪيو. [بس پوء تہ] ٻنهي طرفن کان بهادر لڙائيءَ [۲۷] ۾ جنبي ويا، ۽ ٻنهي طرفن کان گپل بهادر ڪُسي ويا. راڻ مهرٽ جڏهن ڏٺو تہ ٻنهي طرفن کان دلير مرد خونخوار تراڙ جو لقمو ٿي رهيا آهن، تڏهن [چچ کي] چيائين تہ سان ۽ تون ٻيٽي ملڪ جا دعويدار آهيون [اڄ تہ] هڪٻئي سان لڙائي ڪريون، جيڪو اسان سان [غالب پنجي ميدان مان] ٻاهر اچي، ملڪ انهيءَ جو آهي. چچ سندس سامهون ٿيو ۽ چيائين تہ مان برهمڻ آهيان، سوار ٿي جنگ ڪانہ ڪري سگهندس، پيادو ٿي اڄ تہ پوء مڙس مڙس جو سٽ آهي. چترور جي راجا کي پنهنجي همت ۽ بهادريءَ تي پورو پروسو هو، سو دل ۾ چيائين تہ برهمڻ کي کڻڻي طاقت آهي، جو لڙائي ۾ سون سان هٿيار کٽڻ جي دعويٰ ڪري. پڪيءَ وانگيان سندس منڊي مروڙي بدن کان ڇني وڌندس.

---

(۱) پراڻي زماني ۾ جڏهن لڙائيءَ واسطي لشکر تيار ڪري، ميدان ۾ ٻيهاريندا هٿا، تڏهن لشکر کي پنجن حصن ۾ وراهي ناهي ٻيهاريندا هٿا، جن جا نالا قلب، ميمنو، ميسرو، مقدمو ۽ ساقو هوندا هٿا، يعني وچون، ساڄو، کاٻو، اڳيون ۽ پويون حصو. درڪ حصي جي سڃاڻ هڪ يا گهٽا سپه سالار هوندا هٿا. خود بادشاهہ يا سڀ سپه سالار قلب ۾ ٻيهندو هو. (مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

[اهو خيال ڪري] گهوڙي تان لهي پيادو ٿي روانو ٿيو. چڇ پڻ پيادو ٿيو، پر سڀيس کي حڪم ڪيائين تہ گهوڙو سنهنجي پويان وٺيو اچ. جڏهن هڪڙي ڪوس سوڙها ٿيا، تڏهن چڇ هڪدم گهوڙي تي چڙهي حملو ڪيو، ۽ وار ڪندي، راجا مهرٽ جو سر بدن کان ڌار ڪري ڇڏيائين. [هيءُ ڏسي] چڇ جي لشکر حملو ڪيو، ۽ چترور جي لشکر کي شڪست آئي. انهن مان ڪن مهرٽ کي ڪسندو ڏسي، امان گهري، اطاعت اختيار ڪئي، ۽ کي خونخوار ترار جو ڪاڇ ٿي وڃا. چڇ فتح جون خوشيون ڪندو اوڙ جي قلعي ۾ موٽي آيو، ۽ شهر ۾ قبي ڌاهڻ جو حڪم ڪيائين ۽ ملڪ جي تخت تي ويهي، جشن [٣٨] ملهائي، امين ۽ جنگي جوڌن تي مهربانيون ڪيائين. هاڻي چٹني ملڪن ۾ ڪوبہ سرڪش ڪونہ رهيو.

چڇ جي راڻي سونهن‌ديوي سان شادي ڪرڻ.

هن داستان جو مصنف ۽ هن بوستان جو لکندڙ هن طرح روايت ٿو ڪري تہ: جڏهن اها فتح حاصل ٿي، تڏهن راڻي سونهن‌ديوي جي حڪم تي شهر جا ڪميہ ۽ وڏا ماڻهو حاضر ٿيا. (انهن کي) فرمايائين تہ: جنهن صورت ۾ راءُ ساهسي گذاري ويو، ۽ مون کي منجهائنس ڪوبہ فرزند ڪونهي، جو ملڪ جو وارث ٿئي ها، ۽ هي ملڪ راجا چڇ جي هٿ آيو آهي، تنهنڪري مون کي صحيح وڃڻ ۽ چٹي ڏاج سان چڇ جي حوالي ڪريو. رئيس ۽

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

بزرگ گڏ ٿي درٻار ۾ آيا ۽ رائي سونهن ديوي جي ويڙي
چڇ سان پڙهيائون. چڇ کي انهيءَ مان ٻه پٽ ۽ هڪ ڏيءَ
پيدا ٿي: هڪ پٽ جو نالو ڏاهر، ٻئي جو ڏهرسينهه (۱)
۽ ڏيءَ جو نالو مابين (۲) رکيائين. هرهڪ جي جنم
وقت نجومين کان سندن طالع بابت پڇا کيائين، ۽ هنن
سندس حڪم ٿي هرهڪ جي طالع بابت ستارن جي برجن
۾ منزل، نيڪبختي، ۽ بدبختي، عزت ۽ ذلت جو نقشو
کڏي تيار کيو. [تنهن کان پوءِ] چون لڳا ته راجا جا
ٻيئي پٽ بادشاهه رهندا، ۽ سنڌ کٻو وقت سندن قبضي
هيٺ رهندي. [باقي] نيائيءَ جي بخت لاءِ هي فيصلو
کيائون ته هوءِ سنڌ کان کيڏانهن ٻاهر کاڻ ويندي،
۽ جيڪو سندس مڙس ٿيندو، سوئي اني جو راجا ٿيندو،
۽ پوري سنڌ [۲۹] هن جي قبضي ۾ رهندي، [جنهن مان]
هو فائدو ۽ حظ حاصل کندو. نجومين جڏهن ڇڏي هن
طرح مقرر کئي، تڏهن [چڇ] حڪم کيو ته: هيءُ [راز]
مخفي رکو ۽ کنهن کي به نه ٻڌايو.

---

(۱) ن ۽ ب ۾ هر جڳهه "ڏهرسين" ۽ باقي سڀني نسخن ۾ "دهرسيه آهي ۽ فارسي ايڊيشن ۾ به اها پڙهڻي اختيار کئي وئي آهي. "سيه" دراصل "سينه" آهي، يعني شينهن. نسخه S جي پڙهڻي به "دهرسينه" آهي. نالي جي اصليت جي لحاظ سان "ڏهرسينه" واري پڙهڻي کي قائم کيو ويو آهي. (ن.ب)

(۲) ن ۽ ب ۾ هر جڳهه "مائن"؛ س: ٻائي. ک: مائني.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

چ‍ڇ جو پنهنجي پاڻ چنڊر کي اروڙ جي شهر ۾ آڻڻ ۽ انهيءَ کي مقرر ڪرڻ.

پوءِ پنهنجي پاڻ چندر ڏانهن اعتماد جوڳو ماڻهو موڪلي چيائين تہ: ”اسان جا وڏا راهب آهن ۽ همیشه بتن جي مندرن سان سچو شوق رکندڙ آهن؛ سندن بندگي ۽ آتش پرستيءَ جو نالو ۽ رسم مشهور ۽ پ‍ڪڙيل آهي؛ اسان جو پيءُ سيلائڄ هن رستي ۾ اِنّا وَجَدْنا آباءَنا (۱) جي قول تي عمل ڪندڙ آهي، جا ڳالهه اسان جي عالمن ۽ حڪيمن کي پسند آهي. ليڪن هندن جي ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ جڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي ياڻ کي پرهيزگاريءَ ۽ رياضت جي حوالي ڪندو تہ جڏهن سندس ساهه بدن کان جدا ٿيندو، تڏهن انهن چڱن ڪمن جي بدلي ۾ سندس ساهه ڪنهن بادشاهه جي پٽ يا ڪنهن سردار جي جسم ۾ پوندو، جتي هو دل جو آرام، مال ۽ دولت جو تجمل، ۽ پوري پوري فراغت حاصل ڪندو. سيلائڄ جي خدا، اسان کي هن دنيا راجائي ڏني آهي، ۽ وڏي بادشاهت منهنجي حڪم هيٺ آڻي آهي. تنهنڪري منهنجي مرضي آهي تہ توکي اروڙ جي تختگاهه ۾ پنهنجو نائب مقرر ڪري، پنهنجو ولي عهد بنايان، ۽ توکي پڻ حڪومت ۾ دينداري، امانت، پرهيزگاري ۽

---

(۱) انّا وَجَدْنا آباءَنا عَلىٰ اُمَّةٍ وَّاِنّا عَلىٰ آثارِهِمْ لَمُقْتَدُوْنَ = اسان پنهنجي ابن کي هڪ طريقي تي ڏٺو ۽ اسان انهن جي نشانن جي پيروي ڪندڙ آهيون.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

عبادت کرڻ کري، ٻيٽو ٻيڻو ثواب ملندو". اگرچ هو پاسو کندو رهيو، پر آخر هن کي آڻي "اپيلن جي کورٽ" (۱) تي مقرر کيائين، ۽ اروڙ جو مڪمل ضابطو سندس هٿ ۾ ڏيئي، پنهنجو ۽ بادشاهيءَ جو ڪاروبار سندس حوالي کيائين: [۳۰]

چچ جي پنهنجي پاڻ چنڊر کي پنهنجي نائب بنائڻ

بابت پرواني جو بيان

[۽ هن مضمون وارو پروانو جاري کيائين ته:] جڏهن سيلائيج جي خدا، اسان کي تاج ۽ تخت جو لائق بنائي اسان جي بادشاهيءَ جو حڪم جاري ڪيو، تڏهن واجب آهي ته رعيت، جا خدا تعالي جي امانت آهي ۽ اسان جي هٿ هيٺ آهي، تنهن جي نگرانيءَ ۾ تمام گهڻي ڪوشش ڪئي وڃي، ۽ عدل ۽ انصاف جي رستي سان سندن خوشحالي ۽ سندن حالات سڌارڻ لاءِ تمام گهڻو سعيو عمل ۾ آندو وڃي، جيئن ڪوبه طاقتور، هيٺي ڏي ظلم نه ڪري، ۽ اسان کي خدا تعالي جي درٻار ۾ بي تميزيءَ ۽ بي تدارڪيءَ جي ڪري وٽ پڪڙ نه ٿي سگهي؛ تنهنڪري هي وڏو ڪاروبار ۽ نازڪ ڪم منهنجي پاڻ "راهبن جي چٽ"

---

(۱) اصل ۾ "ديوان مظالم" آهي، جنهن جي معنيٰ آهي اهڙي ڪورٽ جنهن ۾ سڄي شهنشاهت ۾ ڪنهن به وڏي ماڻهو هٿان ٿيل ظلم جي برخلاف شڪايت ٻڌي، انهي جو داد ڪيو وڃي.
(مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

چندر جي ذمي لڳاڻو ويو آهي تہ هو روبرو خواه پرپٽ انهيءَ کي سنپالي؛ ۽ پوري سپاهہ ڏسڻ واڻسڻ ماڻهن خواه رعيت تي لازم آهي تہ سندس حڪم ۽ صلاح کان باهر نہ وڃن ۽ سندس فرمانبرداري لازمي سمجهن.

ڇڇ جو ٻڌريمن وزير کان ولايت جي احوال ۽ سيهرس راءَ جي ملڪ جي حدن بابت پڇڻ.

پوءِ وزير ٻڌيمن نيڪي کي ساڻي کانئس سيهرس راءَ جي ملڪ جون حدون پڇيائين ۽ چيائينس تہ اي: لائق وزير ۽ مضبوط صلاحڪار! انهيءَ سنڌ ملڪ جون حدون تو کي معلوم آهن، جو راءَ ساهسي وڏي جي اقتدار ۽ حڪم هيٺ هو، ۽ اهي چار بادشاهہ جي چئني طرفن جي حڪومت جا جوابدار هٿا، ڪير آهن؟ـ اسان کي انهن جي واقفيت ڪراءِ تہ جيئن مان انهن وٽ وڃان، ۽ مون کي موافقت خواه مخالفت ۾ هرهڪ جي طبعيت معلوم ٿئي؛ پوءِ جيڪو اسان جي حڪمن جو [۳۱] پابند هجي، تنهن جي تربيت ڪئي وڃي، ۽ جيڪو اسان جي فرمان کان سرڪشي ڪري، تنهن جي دفع ڪرڻ لاءِ تدارڪ ڪيو وڃي: جيئن سيٺي فرمانبرداريءَ هيٺ داخل ٿي وڃن، ۽ اسان جي ملڪ ۾ ڪوبہ مخالف يا چڪتاڻ ڪندڙ نہ هجي، ۽ ڪوبہ اسان جي حڪم کي ٽاريندڙ يا روڪيندڙ نہ رهي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ٻڌڻ جي تقرير ڪرڻ.

وزير زمين تي مٿو ٽيڪي عرض ڪيو تہ: راجا ڇڄ سلامت رهي! ڪيس معلوم هجڻ گهرجي تہ هيءَ تختگاهہ ۽ بادشاهي هڪڙي ٻي راجا جي سنيال هيٺ هٿي، ۽ سندس [زبردست] حاڪم هميشہ فرمانبرداريءَ ۽ تابعداريءَ لاءِ تيار ۽ منتظر هوندا هٿا. هيءَ ملڪ جڏهن راءِ سيهرس وڏي (۱) بن ديوائيج جي هٿ هيٺ آيو، ۽ هو ايران جي لشڪر کان شڪست کائي ڦٽا ٿيو، تڏهن ڪانئس [پوءِ] ساهسي جي حوالي ٿيو. هن چٽني حاڪمن [مان هرهڪ] کي هڪ هڪ طرف جي سنيالڻ جو ذميدار ڏيرايو تہ هو خزاني جي مال وصول ڪرڻ ۽ ملڪ جي سنيال ڪرڻ ۾ نهايت ڪوشش ڪندو رهي: ڇاڪاڻ تہ راجا انهيءَ ڪري متفڪر ٿو رهي، تنهنڪري هيءَ فڪر پنهنجي دل سبارڪ تان دور ڪرڻ چاهي ٿو: ۽ هن ۾ لشڪر لاءِ [پڻ] ترغيب آهي، ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن هيءَ حادثو دفع نہ ٿيندو تہ ممڪن آهي تہ زماني جي قير گهير ڪري، ڪو اهڙو خوفناڪ حادثو پيش اچي، جنهن جو ٽارڻ ناممڪن ٿي پوي. ۽ جيڪڏهن ولايت مضبوط هوندي ۽ دل جو آرام موجود هوندو تہ پوءِ آسپاس وارا دنگئي بادشاهہ پڻ

---

(۱) هي راءِ سيهرس بن ديوائيج وڏو راءِ سيهرس بن ساهسيءَ، جنهن جو ذڪر مٿي ص ۱۶ تي ٿي آيو آهي. ۽ جو بہ ايران جي لشڪر هٿان قتل ٿيو هو، ڪان غالباً ٻيو آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

توجهہ ڪندا ۽ خدمت ۾ حاضر ٿيندا: ۽ سچ پچ آهي ته ائين ته جنهن وقت بهادر لشڪر ۽ سٺ هاڻين جي ذريعي دل کي اطمينان ۽ قوت هوندي، تڏهن مُسَبَّبُ الاَسْبَاب (سبب پيدا ڪندڙ) ته فتح ۽ ڪاميابيءَ جا سبب بنائيندو ۽ توکي مخالفن تي فتح حاصل ٿيندي. مون کي اميد آهي ته الله تعالي ملڪ جا پاڳا ۽ طرف [۳۲] مضبوط ڪندو ۽ [چٽي] پاسن جا چارئي حاڪم تنهنجي بندگيءَ جو طوق پنهنجي گردن ۾ وجهندا: جملي پريشانيون دفع ٿي ويندیون ۽ مخالف، جوهردار ترار جي خوف کان، فرمانبرداريءَ جو گٺ پنهنجين ڳچين ۾ وجهندا، ۽ هي عاليشان ملڪ ۽ مشتريءَ جي ولايت هميشہ شان ۽ نيڪي سان توسان [نہ نقط] قائم رهندي، [بلڪ] هر روز وڌندي رهندي. بهرحال هن مقصد لاءِ بادشاهہ کي همت ۽ دليري ڏاڍ ۽ ڏڍي پاڪ جي حڪم تي توڪل رکڻ گهرجي ته خدا تعالي [پڻ] راجا جي ارادي ۽ همت مطابق مقصد پورو ۽ اميد برصواب ڪندو.

چچ جو اروڙ جي حڪومت جي حدن جي باري ۾ فيصلو ڪرڻ ۽ حدون نروار ڪرڻ.

چچ جڏهن هڪيمن وزير کان هيءَ گفتگو ٻڌي ۽ وزير جي ڪالهہ سندس دل تي ويهي ويئي، تہ ڪيس خوشي ۽ فرحت حاصل ٿي، ۽ انهيءَ صلاح تي سندس شڪرانا مڃي، هن خوشخبريءَ سان [چگي] فال ورتائين، ۽ انهيءَ موجب هڪ مناسب فرمان چوطرف پنهنجن اعتماد جوگن ماڻهن

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڏانهن موڪليائين، ۽ آسپاس وارن بادشاهن کي [پڻ] استدعا ڪري، هڪ وڏو لشکر تيار ڪرڻ لڳو تہ جيئن هندستان جي انهيءَ سرحد تي وڃي، جا ترڪن سان لاڳو آهي. نيٺ سعد ستاري جي وقت، جيڪو نجومين حساب ڪري معلوم ڪيو هو، منزل پٽيائين ۽ آخر گهٽيون منزلون طي ڪري، اچي قلعي پاڻيا وٽ پهتو، جو بياس ندي‌ءَ جي ڏاکڻي ڪپ تي آهي. انهيءَ قلعي جي واليءَ جنگ شروع ڪري ڏني. نيٺ لڙائيءَ ۽ خونريزيءَ کان پوءِ پاڻيا جو راجا شڪست کائي وڃي قلعي ۾ بند ٿي ويٺو، ۽ راجا چچ غالب ٿيو. انهيءَ جنگ ۾ ڪيترو وقت ترسٽو پيس، جنهنڪري اناج جي قلت ٿي ويئي، گاهہ ۽ کاڻيون [ملڻ] پڻ مشڪل ٿي پيون. [نيٺ] جڏهن [قلعي وارا] تنگ ٿيا، ۽ [رات جي وڳڙي ۾ جڏهن دنيا ڪاري گودڙي ڏڪي ۽ ستارن جو بادشاهہ [سڄ] رات جي [۳۳] ڪارنهن واريءَ چادر ۾ لڪي ويو، تڏهن [پاڻيا جو راجا] اهو قلعو ڇڏي اسڪلندهہ جي قلعي ڏانهن هليو ويو ۽ وڃي ان جي آسپاس لٿو. اهو قلعو پڻ سنڌس هٿ ۾ هو ۽ زياده محڪم هو. انهيءَ ڪوٽ جي چراگاهہ ۾ رهي، احوال معلوم ڪرڻ لاءِ جاسوس موڪليائين، جن اچي خبر ڏنيس تہ چچ پاڻيا جي قلعي ۾ اندر وڃي لڪو آهي.

چچ جو اسڪلندهہ جي قلعي ڏانهن وڃڻ.

جڏهن چچ کي معلوم ٿيو تہ هو [پاڻيا جو راجا] اسڪلندهہ جي قلعي ۾ بند ٿيو آهي، تڏهن هن خبر ٻڌڻ شرط

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

پنهنجي خاص ماڻهن مان هڪ امين کي پاڻيا جي قلعي تي مقرر ڪري، اسڪندهه ڏانهن رخ رکياڻين، ۽ وڃي ان جي باهران ڪئمپ ڪياڻين. اسڪندهه جي قلعي ۾ شجاع نالي سپه سالار رهندو هو، جو هميشه چچ جي تابعداري ڪندو هو، ۽ قلعي جي رهاڪن تي سندس ڏاڍو اثر هو؛ ڏيڻو خواه وڏو سندس صلاح کان ٻاهر نه ويندو هو. چچ انهيءَ ڏانهن ماڻهو موڪليو، ڪيس حڪومت ۽ بادشاهيءَ جي آڇ ڪئي، ۽ سندس [چچ جي] حڪم تي انهيءَ قلعي جي بادشاهيءَ جو پروانو پڪن انجامن ۽ اقرارن سان لکيو ويو ته [هو] جنهن وقت پاڻيا جي راجا چتر کي ڪُهندو يا قيد ڪندو ته [سندس بدران] هو پاڻ راجا ٿيندو، ۽ اهو شهر پاڻيا سميت سندس هٿ هيٺ ڏنو ويندو. هن پڻ [اها آڇ] قبول ڪئي، ۽ انهيءَ مضبوط شرط جي آسري تي پنهنجي ضمانت ۽ پٽ، چچ ڏانهن موڪليو، پر اُن وقت ناوقت انهيءَ حاڪم [چتر] جي خدمت ۾ وڃڻ لڳو، اهڙيءَ طرح جو رات يا ڏينهن [۾ ڪنهن به وقت] ڪيس درٻار ۾ وڃڻ کان روڪ نه ٿيندي هئي. اوچتو اڌ رات جو وڃهه وڄي، [۳۴] راجا چتر کي ڪُهي ان جو سر چچ ڏانهن موڪلياڻين. راجا چچ قاصد سان مهربانيون ڪيون، ۽ خوشي ظاهر ڪري، انعام اڪرام ڏئي، انهيءَ قلعي جي خودمختار حڪومت جو فرمان عطا ڪيو. شهر جي چوڳن ۽ ڪنيءَ ماڻهن اڇي هدايا ۽ تحفا هن جي [چچ جي] خزاني ۾ پياربا. هن، شهر جي وڏيرن ۽ مشهور ماڻهن جي پنهنجي روبرو ڏاڍي عزت ڪئي، ۽ کين شجاع ڏنهيم جي فرمانبرداريءَ جي پارت ڪياڻين ته جيئن

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هميشه هن جي فرمانبرداري لازم چائندا رهن ۽ سندس صلاح کان باهر نه وڃن.

چچ جي سيڪه ۽ ملتان جي طرف منزل ڪرڻ.

راجا چچ اسڪلندهه جي ڪاروبار کان فارغ ٿي، سيڪه ۽ ملتان ڏانهن منهن ڪيو. ملتان جي شهر ۾ راءساهسيءَ جي مائٽن مان بجهراءَ (۱) نالي هڪ راجا هو، جنهن وٽ وڏو ملڪ ۽ [جنگ جو] تمام گهڻو سامان ۽ اسباب هو. جڏهن ڪيس چچ جي پهچڻ جي خبر پهتي، تڏهن پاڻ راوي نديءَ جي ڪپ تي آيو: سندس پائيٽو سيهول (۲) ملتان جي سامهون ايرندي طرف کان سيڪه جي قلعي جو ڪمانڊر هو: بجهراءَ جو سؤٽ اجسين وڏو لشڪر وٺي اچي سامهون ٿيو. بياس نديءَ جي لنگهه وٽ [چچ ۽ سندس لشڪر] ٽي مهينا ويٺو رهيو، ۽ تنهن کان پوءِ جڏهن پاڻي لهي ويو، تڏهن انهيءَ لنگهه جي مٿان هڪ اهڙي جاءِ چونڊيائون، جتي ڪوبه روڪيندڙ ڪونه هو، ۽ آڪري، سيڪه جي شهر ۾ اچي سيهول سان جنگ ڪنديائون. ڪيترو وقت انهيءَ قلعي تي ويٺا رهيا. جڏهن قلعي وارن جي حالت تنگ ٿي، ۽ [چچ جي] پنهنجي طرف جا ڪي نالي وارا دوست شهيد ٿيا ۽ دشمنن جا پڻ بي انداز ماڻهو برباد ٿيا [۳۵]، تڏهن سيهول امان ڇڏي، ملتان جي قلعي ۾ هليو ويو، ۽

---

(۱) اصل لفظ: بجهرا (۲) م: سهيول.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

سپٹي گڏجي راويءَ جي ڪناري تي جنگ جي هتيارن سان تيار ٿي ٻيٺا. راجا چچ سڪّه جي قلعي کي هٿ ڪري، پنج هزار جنگي سپاهي، جيڪي قلعي ۾ هٿا، سي سڀ قتل ڪري، شهر وارن ماڻهن کي غلامن ۽ غنيمت طور قيد ڪري، امير عين‌الدوله ريحان مدنيءَ کي سڪّه جي قلعي تي مقرر ڪيو، ۽ پاڻ ملتان جي طرف ٽهيو، جتي ٻيٽي لشڪر دوبدو ٿيا. راجا بجهراءَ زبردست لشڪر، جنگي هاٿي ۽ بهادر مرد ساڻ وٺي ٻاهر نڪتو، ۽ اچي چچ جي سامهون ٿي، خطرناڪ لڙائي ڪيائين. ٻنهي طرفن کان بي انداز ماڻهو قتل ٿيا. [آخر] بجهراءَ قلعي ۾ بند ٿي، ڪشمير جي بادشاهه ڏانهن خط موڪلي ڪيس چچ جو اطلاع موڪليو ته: چچ بن سيلائڄ برهمڻ اروڙ جي تختگاهه جو والي ٿي، گهڻو لشڪر ساڻ وٺي اچي سهڙيو آهي، ۽ سڀ ننڍا وڏا قلعا فتح ڪري، هٿ ڪيا اٿس: اسان کي ساڻس مقابلي ڪرڻ جي طاقت ڪانه رهي آهي: مضبوط قلعا سندس حڪم هيٺ اچي چڪا آهن، ۽ ڪوبه راجا مقابلي ۽ لڙائي ۾ منهن فتح حاصل ڪري نه سگهيو آهي: هو [هينئر] ملتان اچي پهتو آهي، تنهان اسان جي امداد فرض سمجهي ڪا مدد موڪلڻ فرمايو.

قاصد جو ڪشمير کان هٿين خالي موٽڻ.

قاصد جڏهن ڪشمير پهتو ته انهي وقت ڪشمير جو راجا نوت ٿي ويو هو، ۽ سندس ننڍڙو پٽ تخت نشين

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ٽيو هو. وزيرن ۽ صلاحڪارن، خاص ماڻهن، حاجبن، وڏيرن ۽ ملڪ جي مکيه ماڻهن صلاح ڪئي، ۽ هن خط جو سهڻي نموني جواب لکيائون تہ: ڪشمير جو راجا دارالبقا ڏانهن روانو ٿي وبو، سندس پٽ اڃا ننڍو ۽ نوعمر ٻار آهي: سندس امير اڃا تہ پنهنجين پنهنجين جاگيرن ۾ سرڪشي ۽ بغاوت اختيار ڪري [۲۶] ۽ ڪنڊ مٿي ڪڍي رهيا آهن: [پهريائين تہ] پنهنجي آسپاس جو بندوبست ٺيڪ ڪرڻ گهرجي، تنهنڪري هن وقت اسان مدد ۽ اعانت نٿا ڪري سگهون: اسين پنهنجي ڪم جي ڳڻتيءَ ۾ گرفتار آهيون.

جڏهن قاصد موڪي اڇي بجهراءَ کي هيءَ خبر پهچائي، ۽ ڪشمير جي راجا جي مدد کان نااميد ٿيو، تڏهن ڇڇ راجا سان پڪو انجام ڪري، صلح جي درخواست ڪري، امان نامي جو عرض ڪيائين، جيئن هو قلعو خالي ڪري، سلامتي سان باهر نڪري وڃي، ۽ ڪوبہ ماڻهو تيسين مائن ڇيڙ ڇاڙ نہ ڪري، جيسين رائو بجهراءَ پنهنجن تابعدارن، تعلقدارن، ۽ پوئلڳن سميت ڪنهن امن واري جاءِ تي وڃي پهچي. ڇڇ اهو انجام قبول ڪري، کين امان ڏني. [جنهن تي] هو قلعي مان نڪري، پنهنجن تابعدارن ۽ لاگاپيدارن سان گڏ ڪشمير جي جبل ڏانهن روانو ٿيو. [پوءِ] ڇڇ قلعي ۾ داخل ٿي ملڪ جو قبضو ورتو.

ڇڇ جو ملتان جي قلعي ۾ پنهنجو نائب ويهاري، مٿي وڃڻ

ملتان جي قلعي حوالي ٿيڻ تي، هڪ ڏکر کي ملتان ۾ نائب مقرر ڪري، پاڻ، منروي جي بتخاني ۾ ويو، ۽ بت

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

کي سجدو ڪري، خيراتون ڏيئي، مٿي وڃڻ جو پڪو ارادو ڪيائين. برهمپور، ڪرور ۽ اشهار (١) جي راجائن خدمت جا شرط بجا آندا. اتان [اڳتي وڃي] تاڪيه (٢) ۽ ڪشمير جي حد تائين پهتو. وات تي ڪنهن بہ بادشاهہ سامهون ٿي ڪيس روڪ يا جهڪ ڪانہ ڪئي. مثال: الله تعالي جڏهن ڪنهن کي وڏو ڪندو آهي، تڏهن انهيءَ جي مٿان سڀ تڪليفون آسان ڪندو آهي، ۽ سندس سڀ مرادون ڪيس عطا ڪندو آهي. [ڏسو ته، ڇچ] جنهن جاء تي پهتو ٿي ته اهو ملڪ فتح ٿيو ٿي. [٣٧] نيٺ شاڪلهار (٣) جي قلعي وٽ پهتو. ۽ اها جاء تاڪيه (٤) کان مٿيرو چون ٿا، جتي ڪشمير جي سرحد آهي- اتي منزل ڪيائين، ۽ هڪ مهيني تائين ترسي، انهيءَ پاسي جي بادشاهن سان ڪن کي مغلوب ڪيائين، ۽ ڪن کي حڪم ۽ آڻ هيٺ آندائين، ۽ انهيءَ پاسي جي اميرن ۽ بادشاهن سان پختا عهدنامہ ڪري، ملڪ [جو انتظام] پڪو ڪيائين. پوء ٻہ چڪيون هڪ

---

(١) ن: اشيهار (٢) فارسي ايڊيشن ۾ "ڪنبه" لکيو ويو آهي جا صرف گماني پڙهڻي آهي، مگر شايد ڪنهن ٻ نسخي ۾ موجود ڪانهي. هن جاء تي ن ۽ ک جي پڙهڻي صاف طور 'تاڪيه" آهي ۽ ٻين نسخن جون پڙهڻيون "تاڪيه" جون ٿي غلط ۽ بگڙيل صورتون آهن. صحيح پڙهڻي "تاڪيه" ٿي سمجهڻ گهرجي، جاڪاڻ تہ ملتان کان اڳتي يا ان جي آسپاس واري ملڪ تي ٿي "تڪا ديس" جو نالو ڏيل هو. (ن-ب) (٣) فارسي ايڊيشن جي پڙهڻي "شاڪلها" آهي "شاڪلهار" پڙهڻي ن مطابق آهي. (ن-ب) (٤) مٿي ڏنل نوٽ (٢) جي لحاظ سان.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

بيد جي ۽ بي صنوبر جي گهرائي، پنج ماهيات نديءَ جي ڪناري تي، ڪشمير جي انهيءَ جبل، جنهن جي چشمن مان سندس وهڪرو آهي، تنهن سان لڳ اهي ٻئي لڳائي، تيستائين اتي ترسيو، جيسين انهن ٻنهي درختن جون تاريون هڪٻئي سان وڄي ملين: پوءِ انهن تي نشان ڪري چيائين تہ: ڪشمير جي راجا سان اسان جي هيءَ حد آهي ۽ هن کان اڳتي لنگهڻو نہ آهي.

ڪشمير سان حد مقرر ڪري چڇ جو موٽيو.

هن فتح جي ڳالهہ لکندڙ هن طرح چيو آهي تہ: جڏهن ڪشمير جي طرف کان حد مقرر ٿي، تڏهن چڇ موٽي اروڙ جي تختگاهہ ۾ آيو، ۽ هڪ سال آرام ڪري، سفر جي تڪليف جو ٿڪ لاٿائين، ۽ سندس [زيردست] بادشاهن جنگ جو سامان ۽ هٿيار تيار ڪيا.

پوءِ فرمايائين تہ: "اي وزير! مشرق جي طرف کان دلجاءِ ٿي: هاڻي اسان کي مغرب ۽ ڏکڻ جي طرف جو سماءُ رکڻ گهرجي." وزير وراڻيو تہ: "بادشاهہ جي سپ کان وڌيڪ ٻڌي خوبي هيءَ آهي تہ ملڪ جي احوال جي خبرچار وٺندو رهي، ۽ اڻين ۾ ٿي سگهي ٿو تہ ٻڌي وڃڻ واريءَ غير حاضري جي عرصي ۾ [هن] طرفن وارن اميرن ۽ بادشاهن جي دماغ ۾ غرور [۳۸] پيدا ٿيو هجي، [۽ سمجهندا هجن] تہ راءِ ساهسيءَ کان پوءِ اسان کان خزاني جي مال بابت ڪابہ تقاضا نہ ٿي آهي، [تنهن مان معلوم ٿو ٿئي تہ هو] ضرور ضعيف ۽ ڪمزور ٿي چڪو آهي."

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

سو چگو ستاره ڏسي، [چ‌ڇ] ٻڌيه (۱) سيوستان جي قلعن ڏانهن روانو ٿيو. سيوستان جي قلعي ۾ مڇي (۲) نالي بادشاهه رهندو هو. هن [چڇ اوڏانهن وڃڻ جو] پڪو ارادو ڪيو ۽ انهيءَ جاءِ کان درياهه ٽپيو، جنهن کي دهتايت (۳) چوندا آهن، جا سمن [جي قوم] ۽ اروڙ جي وچ وارو دنگ آهي. اتان ٻڌيه ڏانهن روانو ٿيو. (۴) سندن حاڪم سرڪوندَ پٽ پنڌرڪوءِ پڪوءُ هو (۴) ۽ سندن

---

(۱) هن پڑهڻي جو مدار فارسي ايڊيشن ۾ اختيار ڪيل پڑهڻي "بودهيه" تي آهي، جا غالبا فقط جهوني نسخي ب جي پڑهڻي آهي. ن ب ج م ر س جي پڑهڻي "بُداپُور" ۽ ر جي پڑهڻي "پُڌاپور" آهي. انهيءَ لحاظ سان "ٻڌيه" جي بدران "ٻداپور" پڑهڻ ۾ قابل غور آهي. (ن-ب) (۲) هن پڑهڻي جو مدار فارسي ايڊيشن ۾ اختيار ڪيل پڑهڻي "متـه" تي آهي ب س ک نسخن جي پڑهڻي "مهتـه" آهي. (ن-ب) (۳) فارسي ايڊيشن ۾ اختيار ڪيل پڑهڻي "دهايت" آهي. "دهتايت" پڑهڻي ن ب ح نسخن مطابق آهي. (ن-ب) (۴) معتبر نسخن مان ن ب پ جون پڑهڻيون انهيءَ طرح آهن. ن ب: "وعهد ايشانرا بسرکوند بن بهندرکو بهکو بود." پ: "وعهه ايشانرا بسرکوند بن بهندرکور هکو بود" هاڻي ٻر تقدير "وعهد ايشانرا بفلان بود"، "فلان" جي جاءِ تي "سرکوند بن بهندرکو بهکو" ايندو، جنهن کي اسان سنڌي نالي جي قالب ۾ آڻي، سرکوند پٽ پنڌرڪوءِ پڪو ڪري لکيو آهي. فارسي ايڊيشن ۾ هن سڄي جملي جي هيءَ پڑهڻي اختيار ڪئي ويئي آهي: "وعهد ايشانرا بسرکول بن بهندرکو بهکو بود". (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

تختگاھ ڪاڪي راج ھو. اتي جي رھاڪن کي سبويس چوندا ھتا. چچ انھن تي حملو ڪري سيوبس جـو قلعو فتح ڪيو. ڪاڪي جي پٽ رڪبي (۱)، اڳيان اچي، پنھنجي پيءُ ۽ تابعدارن لاءِ امان گھري، ۽ دل مقرر ڪري تابعداري [اختيار] ڪيائون.

لشڪر جو سيوستان وڃڻ.

پوءِ [چچ] اڃـان سيوستان [ڏانھن] رخ رکيو. جـڏھن ويجھو پھتو تہ انھيءَ شھر جي واليءَ نھايت دھدپي ۽ پوريءَ تياري سان سامھون ٿي جنگ شروع ڪئي. چچ مٿس غالب ٿيو ۽ ھٿو پنھنجي لشڪر سميت شڪست کائي قلعي ۾ ويڄي ويو [۳۹]. چچ قلعي کـي گھيرو ڪري، لڙائي لاءِ [تيار] ٿي ٻيٺو. ھڪ ھفتي کان پوءِ قلعي وارا عاجز ٿي پيا، ۽ امان گھري، پڪو انجام ڏٺي باھر نڪتا، ۽ قلعي جون ڪنجون چچ جي اميرن جي حوالي ڪيائون. چچ کين امان ڏيئي نوازيو، اتي جي حڪومت پڻ سندس [ٻٽي جي] حوالي ڪري، مٿس اعتماد جوڳو ھڪ نگـران مـقرر ڪيو، ۽ [تيستائين] ڪجھ ڏينھن ٽکي ٿيو، جيستائين ملڪ ۽ شھر جو ڪاروبار درست ٿيو.

---

(۱) اصل عبارت ۾ "وکيه بن کاک". فارسي ايڊيشن ۾ "و" کي حرف جملو سمجھي، ھن شخص جو نالو "کيه بن کاک" تعبير ڪيو ويو آھي. (ڏسو فارسي ايڊيشن صفحہ ۲۵۷ تي ڏنل صفحہ ۲۹ جو حاشيہ).

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

چچ جو برهمڻ آباد طرف لوهاڻي جي [بادشاهه] اڳهه (۱) ڏانهن قاصد موڪلڻ.

جڏهن سيوهڻ جي سنهيڙ پوري ٿي، تڏهن "برهمناباد واري لوهاڻي جي بادشاهه اڳهه" (۲) يعني لاکڻ، سمن ۽ سهتن جي حاڪم ڏانهن فرمان موڪلي، کانئن پنهنجي تابعداريءَ جي گهر ڪيائين. ٻورن ڏينهن کان پوءِ، جيڪي رستن تي جاسوس مقرر ڪيا هئائين. تن ڪران ساڻ ڪ ماڻهوءَ کي اڳهه جي خط سان پڪڙيو، جو سيوستان جي بادشاهه متي ڏانهن لکيو هئائين، جنهن ۾ لکيل هو ته: مان هميشه تنهنجو دوست ۽ خيرخواهه ٿي رهيو آهيان، ۽ ڪنهن به وقت تو سان مخالفت نه ڪئي اٿم، ۽ نه لڙائيءَ جو روادار ٿيو آهيان. تو جيڪو دوستانو خط لکيو هو، سو پهتو، ۽ ان ڪري وڏي عزت حاصل ٿي. جيستائين اسان جي طاقت مضبوط هوندي، تيستائين ڪوبه مخالف اسان جي ويجهو نه اچي سگهندو. مان تنهنجي التماس جو پابند آهيان، ۽ هرهڪ [التماس] پورو ڪندس. تون بادشاهه ۽ بادشاهزادو آهين، تنهنجي ۽ اسان جي وچ ۾ دوستي آهي، هڪڙيون حالتون گهٽ سان ٿيون آهن، جيڪي هن مصيبت کان پنا

---

(۱) اصل عبارت: "اڳهه لوهاڻه" جو فارسي جي زير اضافت سان "اڳهه- لوهاڻه" سمجهڻ گهرجي يعني "لوهاڻي ملڪ جو (حاڪم) اڳهه". هيٺ فارسي عبارت ۾ انهيءَ دليل جي پڪي تاڪيد ڪري ٿي. (ن-ب)

(۲) اصل عبارت: "لوهاڻه برهمناباد"

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

گولي رهيا آهن، منهنجي ملڪ ۾ برهمناباد کان ديبل تائين، ملڪ جي جنهن جاء تي رهڻ مناسب سمجهين [٤٠]، اتي رهڻ جي توکي اجازت آهي، ۽ جيڪڏهن کنهن ٻئي پاسي وڃڻ جو پکو ارادو ڪيو اٿئي تہ بہ کو ماٹهو روڪ ڪرڻ وارو ڪونہ آهي، ۽ جيستائين کنهن جاء تي تون دلجاء ڪري ويهين، تيستائين مددگار رهندس. مون وٽ ايتراگهوڙا ۽ لشکر ٹي سگهي ٹو، جو تنهنجي مدد ڪري سگهان.

آخر متي ڪي هند جي ريگستان جي بادشاهہ (١) ڏانهن جنهن کي پڻي ۾ چوندا آهن، وڃڻ بهتر ڏسڻ ۾ آيو.

چچ جو لوهاڻي جي [حاڪم] اگهم کي گهرائڻ لاء فرمان موڪلڻ.

پوء چچ راجا اگهم لوهاڻي ڏانهن حڪم موڪليو تہ: توهان پاڻ کي شان، شوڪت، اصل ۽ نسل جي خيال کان وقت جو بادشاهہ ٹا سمجهو: ۽ مون کي اگرچ هيءَ ملڪ، بادشاهي، مال، دولت ۽ طاقت پنهنجي پيءُ ۽ ڏاڏي کان ورثي ۾ نہ ملي آهي، ۽ اسان جي [اصلي] ملڪيت نہ آهي، تہ بہ هي منهنجا آسان ۾ آسان اسباب ۽ بهترين انتظام خداوند تعالي جا بنايل آهن. منهنجي لشکر ڪري نہ ٻلڪ دنيا جي پيدا ڪندڙ، بيمثال ۽ يگانہ خدا، سيلاڻ جي دعا سان هيءَ ملڪ مون کي عطا ڪيو آهي، ۽ هر حال ۾ اهو منهنجو مددگار آهي؛ مون کي کنهن ٻئي ۾ مدد

---

(١) اصل عبارت: ملڪ رمل.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جي اميد نہ آهي: منهنجي سيني مشكلن كي پورو كندڙ ۽ منهنجي چوپر ۾ مدد كندڙ اهو آهي؛ ۽ اهوئي سيني دشمنن ۽ مخالفن تي كاميابي ۽ فتح بخشيندڙ آهي. اسان كي ٻنهي جهانن جون نعمتون حاصل آهن. توهان كي جيكڏهن پنهنجي مٿان شوكت ۽ دٻدبي، جنگي سامان ۽ وڏائيءَ تي ڀروسو آهي تہ پوءِ يقين ڄاڻو تہ توهان جي نعمت تي زوال ايندو، ۽ اوهان جي بربادي ٿيندي [٤١].

چچ جو برهمناباد شهر وٺ اچڻ ۽ لوهاڻي جي [حاكم] اڳهه سان جنگ كرڻ.

پوءِ راجا چچ، لوهاڻي جي [حاكم] اڳهه ڏانهن روانو ٿيو. اڳهه برهمناباد كان ٻاهر ملك [جي گشت] ڏانهن ويل هو. چچ جي اچڻ جي خبر پڌڻ تي برهمناباد موڪي آيو، ۽ اچي لڙائيءَ جو سامان ۽ هٿيار تيار كيائين. راجا چچ برهمناباد جي شهر ۾ پهتو تہ [هوڏانهن] اڳهه لڙائيءَ لاءِ تيار ٿي سامهون ٿيو. ٻنهي طرفن كان نامي گرامي بهادرن جي قتل ٿيڻ كان پوءِ، [آخر] اڳهه جو لشكر ڀڳو ۽ قلعي ۾ گهڙي ويو. چچ ان جو گهيرو كيو. هك سال جي عرصي تائين سندن وچ ۾ لڙائي جاري رهي. انهيءَ وقت هندستان يعني كنوج جو راجا ستبان بن راسل هو (١). اڳهه خط موكلي ۽ انهيءَ كان مدد گهري، پر جواب ملڻ

(١) پ: سيار بن راسل. ر: شتبان بن راسل. ن ب ح: سيار بن راءِ بدل.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

کان اڳ ۾ اگهم مري ويو، ۽ سندس پٽ پيءُ جو جانشين ٿيو.

اگهم جو، هڪڙو هڏ ست جوشمني (پروهت) پوجاري (۱)، دوست هوندو هو، جنهن کي "هڏ رکو" (۲) جي نالي سان سڏيندا هنا. هن کي هڪ بتخانو هو، جنهن کي "هڏنو وهار" (۳) چوندا هنا، ۽ ڪنوهار (۴) بت جو راهب پڻ اهو هو، ۽ پنهنجي بندگيءَ ۽ پڄتيءَ (۵) ۾ مشهور هو. انهيءَ طرف جا ماڻهو سندس تابع هوندا هنا. اگهم پڻ سندس ذرم تي هو، ۽ ڪيس پنهنجو آڌار سمجهندو هو. اگهم جي قلعي ۾ بند ٿيڻ ۾ هن پروهت پڻ سائس موافقت ڪئي، پر جنگ ڪانه ٿي ڪيائين، بلڪ پنهنجا ڪتاب ڪڍي، پنهنجي مندر ۾ ويهي پڙهڻ لڳو. جڏهن راجا اگهم مري ويو ۽ سندس پٽ گادي تي ويٺو، تڏهن پروهت ڏنو ته متان منهنجي ملڪيت، اسباب ۽ زمينون هٿ ڪان نڪري وڃن، [۴۲]، تنهنڪري پنهنجو اصطرلاب ڪڍي، ڏسي، حساب ڪري، قطعي فيصلو ڪيائين ته هيءُ ملڪ راجا چچ جي حوالي ٿيندو، ۽ هو مون سان موافق ٿيندو. [آخر اگهم جو] پٽ جڏهن تنگ ٿيو، ۽ سندس لشڪر وڙهڻ کان جواب ڏنو، تڏهن قلعو چچ جي حوالي ۽ ضابطي هيٺ اچي ويو.

---

(۱) اصل عبارت: ناسک سمني (شمني لاء وڌيڪ ڏسو آخر ۾ حاشيه ص ۴۳). (۲) اصل عبارت: بده رکو (۳) ر م: نوهار. (۴) ر: ولهار م: دلسها. ن: وکسها. پ: وکسا. ک: وکها. هت صفحه ۴۴ تي ڏنل پڙهڻي مطابق "ڪنوهار" لکيو ويو آهي. فارسي ايڊيشن ۾ "وکسها" ڏنل آهي. (۵) اصل عبارت: ناسکي ويڪي،

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

چچ جو فرمان.

جڏهين چچ کي معلوم ٿيو ته اگهم ۽ سندس پٽ جي انهيءَ پروءَت سان بيعت هئي، ۽ ان جـي جـادو، صلاح ۽ مڪاريءَ کان ٿي [اڳتر وقت] جنگ قائم رهي ۽ هڪ سال تائين ڏگهي ٿي آهي: تڏهن چچ قسم کنيو هو ته جيڪڏهن مون هيءَ قلعو فتح ڪيو ته پـروهت کـي پڪڙي، سندس کل لاهي، ڏاڙهين کي ڏينڊس ته ڏاڙن تـي لـڳائي، ڪڍي ڪڍي، ذرا ذرا ڪن. هن قسم جي خبر پروهت کي پهتي ته کلي ڏڻائين ۽ چيائين ته: چچ کي ايتري طاقت ڪانهي جو مون کي برباد ڪري سگهي. [خير] جڏهن برهمنا بـاد جـي قلعي تي گهٽو وقت لڙائي ۽ مقابلو ٿيو ۽ گهٽا ماڻهو هلاڪ ۽ برباد ٿيا، تڏهين [قلعي وارن] لڙائي بند ڪري امان گهري ۽ صلح جي آڇ ڪيائون [آخر] ڪيترا ماڻهن ۽ اڳوانن جـي معرفت ٻنهي ڌريـن ۾ صلح ٿيو، ۽ قلعو چـچ جـي حوالي ڪيائون. چچ اندر اچي چيو ته: جيڪڏهن توهان وڃڻ چاهيو ٿا ته ڀلي وڃـو، ڪوبه مخلوق تـوهان کي روڪي نـه سگهندو: ۽ جيڪڏهن توهان رهـڻ جـو فيصلو ڪيو هجي تـه [ڀلي] ويٺا رهو. اگهم جـي پٽ ۽ سندس تابعدارن پنهنجي مٿان چچ جي مهرباني ڏٺي، سو رهي ويو پسند ڪيائون. چچ ڪجهه وقت ترسي ٻڌن مـزاج معلوم ڪيو [۴۳].

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڇڇ جو اگهيم جي زال سان شادي ڪرڻ ۽ پنهنجي پائڻين سندس پٽ سرهند کي ڏيڻ.

پوءِ ڇڇ سرهند جي ماڻ ڏانهن ساڻهو موڪلي ساڻس شادي ڪئي، ۽ سندس پٽ کي گهرائي پنهنجي پائڻي ڏهسبي (١) جي ڏيءُ کيس ڏيئي، رنگارنگي سروپا پهرايائين ۽ اتي هڪ سال رهي دل وصول ڪرڻ لاءِ پنهنجا کامورا مقرر ڪيائين: پٽ آسپاس جي راجائن کي پنهنجو تابع بنايائين.

پوءِ پڇيائين ته اهو جادوگر پروهت ڪٿي آهي ته کيس ڏسان. چيائون ته اهو پگهت آهي ۽ پڳٽن وٽ هوندو. هو هندستان جي دانائن ۽ ڪنوهار (٢) جي مجاورن سان آهي. پروهتن وٽ سندس وڏي عزت آهي، ۽ هو سندس ڪمال جا قائل آهن. سندس جادو ۽ شعبده جي هيءَ حد آهي، جو هڪ دنيا کي تابعدار ۽ زبردست بنايو اٿس. سندس هر قسم جا مقصد طلسم جي زور تي حاصل ٿين ٿا. پڻس جي دوستيءَ خاطر ٿورو وقت سرهند سان شامل رهيو، ۽ سندس ٽيڪ تي برهمنا باد جا سپاهي لڑائيءَ ۾ ثابت قدم رهي مقابلو ڪندا رهيا.

---

(١) اصل عبارت: دهسم (٢) هي پڑهڻي پ م ح س ڪ مطابق آهي ۽ اها ساڳئي پڑهڻي هيٺ ٻن جاين تي قائم رکي وئي آهي- فارسي ايڊيشن ۾ "نووهار" ڏنل آهي. (؟). ر: ڪنوهار، ن: ڪتوهار. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

چچ جو پروهت وٽ وڃڻ ۽ کانئس احوال پڇڻ.

پوءِ چچ سيني هٿيار بند مائهن ۽ محافظن کي سوار ڪري [پاڻ سان وٺي، پروهت کي قتل ڪرڻ لاءِ ٻڌ (جي مندر) ڪنوهار (١) ڏانهن روانو ٿيو. [رستي ۾] هٿيار بندن کي سڏي حڪم ڏنائين تہ: جنهن وقت سان هن سان ملاقات ۽ گالهيون ڪندي چپ ڪريان ۽ توهان ڏانهن نهاريان تہ [هڪدم] تراريون ڪڍي سندس سر ڌڑ کان ڌار ڪري ڇڏجو. پوءِ [چچ] ٻڌ ڪنوهار (٢) ۾ پهچي، هن [پروهت] ڏانهن هليو تہ ڪيس ڪرسيءَ تي ويٺل ۽ پنهنجي عبادت ۾ مشغول ڏٺائين: [٤٤]: سندس هٿ ۾ سخت [گوهيل] منڍ هئي، جنهن سان بت ناهي سُهر جهڙي هڪ شيءِ انهن بتن تي هڻندو ٿي ويو، جنهنڪري انهن تي ٻڌ جي تصوير چڱيءَ ٿي پيٽي ۽ هو مڪمل ٿي ٿي پيا. تنهن کان پوءِ انهن کي هڪ جاءِ تي رکندو ٿي ويو. چچ سندس مٿان بيٺو رهيو: هن ڏانهنس ڪوبہ التفات نٿي ڪيو. هڪ ڪلاڪ گذرڻ کان پوءِ بت پورا ڪري ڪنڌ مٿي کڻي، چيائين تہ: "سيلاڏج پڳت جو پٽ آبو آهي؟ چيائين: "هائو، اي عبادت گذار پروهت"؛ چيائين

---

(١) پ ڪ م ر جي پڑهڻي "ڪينهار" آهي، جا "ڪنبهار" (يعني ڪنوهار) جي بگڙيل صورت آهي. سڄو لفظ "ٻڌ ڪنوهار" آهي، جنهن سان مراد "ٻڌ ڌرم جو ڪنوهار" آهي. (ن-ب)

(٢) پ ن ب ڪ جي پڑهڻي هن جاءِ تي نہ "ٻنده ڪنوهار" آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

تہ "ڪڙي ڪر سان آيو آهين؟" وراڻيائين تہ: "تو ہر عقيدو هوء، تنهنڪري توکي ڏسڻ آءُ-و آهيان." چيائين تہ: "[چگو] لهہ." چچ هيٺ لٿو، ۽ پروهت، گاهہ جي مٺ پٽاري، چچ کي تنهن تيُ وبهاري، پڇيو تہ: "اي چچ! ڪهڙو ڪر اٽيئي؟" چچ عرض ڪيو تہ: "آءٌ چاهيان ٿو تہ اسان جو چوڻ وڻي برهمناباد جي قلعي ہر وري ہ-وڻي اچين تہ توکان ڪر وڻي، وڏا وڏا ڪر توکي سپاريان، جينءَ تون سربند سان هڪ هنڌ رهي، ڪيس صلاح مشورو ڏيندو رهين." پروهت چيو تہ: "مون کي تنهنجي حڪومت جي ڪابہ ضرورت نہ آهي، ديوانگي ڪمن جو شوق ڪونہ اٽم، ۽ دنياوي ڪر نٿو چاهيان". چچ چيو تہ: "[پلا] برهمن‌آباد جي، قلعي ہر ڇو سامهون ٿئين؟" چيائين تہ: "جڏهن لوهاڻي جو (حاڪر) اگهہ گذاري وبو ۽ هيءُ ڇوڪرو پيءُ جي جدائي ہر تنگ دل ٿيڻ لڳو، تڏهن [مجبوراً] ڪيس صبر جي تلقين ڪندو رهيس، ۽ خدا جي درگاهہ ہر بنهي ڏرين جي وچ ہر صلح ۽ موافقت پيدا ٿيڻ جي دعا ڪندو رهيس. باقي منهنجي لاءِ دنياوي سرداريءَ ۽ سيني ڪمن کان، ٻُڌ جي خدمت ڪرڻ ۽ آخرت جي نجات گهرڻ بهتر آهي: ۽ تون جنهن صورت ہر هن ملڪ جو راجا آهين، تنهنڪري تنهنجي فرمان عالي موجب سموري قبيلي سميت قلعي جي پر ہر لڏي هلڻ لاءِ تيار آهيان، پر ڊپ اٽم تہ قلعي وارا ٻُڌ [مندر] جي آبادي‌ءَ کي ايذاءُ [۴۵] ۽ نقصان نہ پهچائين. [جو] چچ اڄ وڏي حڪومت جو مالڪ آهي." چچ چيو تہ: "ٻُڌ جي بندگي وڏيڪ سڻي، ۽ هن ڪر جي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هميشه تعظيم ڪرڻ تمام چڱي آهي؛ پر جيڪڏهن توکي ڪو ڪم يا عرض هجي تہ چؤ تہ انهيءَ سعادت جي پوري ڪرڻ ۽ انهيءَ عزت‌افزائي جي سرانجام ڪرڻ تي عمل ڪريان." پروهت چيو تہ: "مون کي تہ هر دنياوي ڪوبہ ڪم ۽ غرض ڪونہ آهي. شال ڏئي توکي آخرت جي ڪمن جي توفيق عطا ڪري". چچ چيو تہ: "منهنجو عرض پڻ اهو آهي، چاڪاڻ تہ انهيءَ جي ٻڌلي ۾ نجات ۽ بلند درجا حاصل ٿي سگهندا. حڪم ڪر تہ انهيءَ ٻاري ۾ مدد ڪرڻ واجب سمجهي، شريڪ ٿيان." پڳت پروهت ورائيو تہ: "جڏهن تنهنجو مقصد رڳو خير جا ڪم ڪرڻ ۽ نيڪين ۾ وک وڌائڻ آهي، تڏهن [پڌ تہ] نوو هار جو مندر جو قديمي عبادتگاهہ آهي ۽ گهڻي وقت کان زماني جي گردشن سبب انهيءَ کي نقصان پهتل آهي، انهيءَ جي [نئين سر] عمارت ٺاهي وڃي: ۽ پنهنجا مال هن جي اڏاوت تي خرچ ڪر. تون اسان جي امداد هن طريقي سان ڪري سگهين ٿو." [تنهن تي] چچ چيو تہ: "شڪر گذار آهيان."

چچ جو برهمن آباد ڏانهن موٽي وڃڻ.

پوءِ چچ اتان سوار ٿي موٽي ويو. وزير عرض ڪيو تہ: "راجا! هڪ عجيب واقعو ڏٺم." چيائين: "چا ڏٺئي؟" چيائين: "چاڪاڻ تہ راجا کي پروهت جي ڪهڙ لاءِ جلادن کي حڪم ڏيڻ جو پڪو ارادو هو، پر سندس سامهون ٿيڻ تي کيس راضي ڪرڻ ۾ لڳي ويا، ۽

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

سندس عرض قبول فرمايو؟" چچ وراڻيو تہ، هائو! سون اهڙي شيءِ ڏني جنهن ۾ ڪوبہ جادو [٤٦] ۽ شعبدو ڪونہ هو. [غور سان] ڏٺم تہ سون کي [خاص] نشان [پڻ] ڏسڻ ۾ آيا. جڏهن سندس آڏو ٽيس، تڏهن هڪ پيالو ۽ خطرناڪ صورت سندس سر تي بيٺل ڏٺيم. هن جون اکيون باهہ جهڙيون ۽ ڪاوڙيل، چپ ڦڪا ۽ ٽلها ۽ ڏند نيزن جهڙا هٿ، سندس هٿ ۾ الماس جهڙيون لٽيون هيون ۽ ائين پيو پائنجي تہ ڪنهن کي هٽندو. انهيءَ کي ڏسي ڏڄي ويس؛ طاقت ڇڏي ٽيم تہ ساڻس اهڙو ڪاليايان جو توهان ٻڌو. سون کي اچي پنهنجي سر جي لڳي، [سو] کيس رعايتون ڏيڻي اٽي ڪڙو ٽيس."

چچ جو برهمناباد ۾ منزل ڪري، اتي جي رهاڪن تي دل مقرر ڪرڻ.

ٻوءِ چچ برهمناباد جي قلعي ۾ ترسي، ملڪ جي ڪاروبار ۽ آمدني ۽ رعيت جي آرام جا ذريعا درست ڪيا: ۽ لوهاڻي جي جتن (١) کي ذليل ڪري، انهن جي اڳوان کي سزا

---

(١) فارسي ايڊيشن ۾ "جتان ولوهانہ" ڇڏي اختيار ڪيل آهي. پ جي ڇڏي جتان لوهانہ" يعني "(برڪٽي) لوهاڻي جا جت" جا زياده قرين قياس آهي ۽ انهيءَ کي ئي قائم رکيو ويو آهي. صفحہ ٢١٤ تي ٻہ عبارت صاف طور "جتان لوهانہ" آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڏيڻي، ڪائنس ضمانت ونڻي، قلعي ۾ بند ڪري متن هيٺيان شرط پڪا ڪيائين تہ: سواء ڪن خاص حالتن جي ترار نہ ڪٽندا، بخمل ۽ ريشم جا ڪپڑا نہ پهريندا، سندن متين چادر ڪٽي سوڻي ۾ هجي، ۽ سندن هيٺين چادر [ضرور] اوني ڪاري يا گاڑهي رنگ جي هوندي، گهوڑي تي هنڌو نہ رکندا، منهن ۽ پير اگهاڙا رکندا، گهر کان ٻاهر نڪرندا تہ ڪتا پاڻ سان ڪٽندا، برهمناباد جي گورنر جي بورچيخاني لاء ڪائيون پهچائيندا رهندا، رهبر خواه جاسوسي لاء پڻ انهن کي موڪليو ويندو، جڏهن هو پاڻ ۾ اهي خاصيتون پيدا ڪندا، تڏهن اسان کي سندن سچائي تي پروسو ۽ اعتماد ٿيندو: [پيو تہ] اگهر جي پٽ سربند سان موافق ۽ سچا رهندا، ۽ جيڪڏهن کو دشمن لڑائيء لاء [٣٧] هن ملڪ ڏانهن رخ رکندو تہ مدد ڪرڻ پاڻ تي لازمي سمجهي، اهڙو انتظام ڪندا.

پوء سڀ ڪم پورا ڪري، ملڪ کي ٺيڪ ڪيائين، ۽ جنهن به مخالف سرڪشي ٿي ڪئي، تنهن کان ضمانت وٺي، ڪيس قابو ٿي ڪيائين، ۽ [ڪيس سزا ڏيئي] سندس مثال ٿي قائم ڪيائين، جنهنڪري سڀ ڪاروبار ٺيڪ ٿي ويو.

راجا چچ جو ڪرمان وڃي مڪران جي حد ظاهر ڪرڻ.

ضروري ڪمن کان فارغ ٿيڻ کان پوء، چچ جي دل ۾ ڪرمان جي سرحد جو خيال غالب ٿيو، انهيء لاء تہ هيءَ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

پاسو هندستان جي بادشاهن سان گهڻيل آهي، تنهنڪري اها ظاهر ٿين گهرجي. انهيءَ وقت رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي هجرت کي ٻه سال گذري چڪا هئا. ايران جي بادشاهه ڪسريٰ بن هرمز جي مرڻ کان پوءِ ملڪ دربدر ٿي چڪو هو، چاڪاڻ ته بادشاهيءَ جو ڪاروبار هڪ عورت جي هٿ ۾ اچي ويو هو؛ سو چچ کي جڏهن اها خبر پهتي، تڏهن وڏي تياريءَ سان ڪرمان ڏانهن رخ ڪيائين، ۽ نجومين جيڪو وقت ڪڍي ڏنس، انهيءَ وقت آرمابيل روانو ٿيو. اهو هند ٻڌ جي شمني [يعني پروهت] جي هٿ ۾ هو، جو هندستان جي راجا راءِ سيهرس جي گورنرن جي اولاد مان هو، جنهن کي سچائيءَ ۽ خصوصيت جي مدنظر مقرر ڪيو ويو هو. اهو [ساڳيو پروهت] زماني جي ڦيرگهير ڪري مخالف ٿي پيو هو ۽ خدمت کان سرڪشي ڪئي هنائين. [اهو پروهت] چچ جي استقبال تي آيو، ۽ جڏهن ڪيس [چچ کي] سندس وعدي ۽ دل جي سچائيءَ تي اطمينان ٿيو ۽ [هڪٻئي جي] دوستيءَ ۽ محبت ٻنهي جي دل ۾ قرار ورتو، تڏهن [چچ] اتان مڪران جي ملڪ ڏانهن روانو ٿيو، ۽ ڏٺائين ته هرهڪ ماڻهو فرمانبرداريءَ کان پاسو ڪري رهيو هو. نيٺ [۴۸] مڪران جي لڪ ۽ جبل (۱) کان ٻاهر نڪري، وڃي ٻين شهرن ۾ پهتو. اتي پنجپور (۲) نالي هڪ پراڻو قلعو هو؛ سندس حڪم سان

---

(۱) اصل عبارت: عُقبه مکرانْ و کوه (۲) اصل عبارت سڀني نسخن ۾ "کنزبور" يا ان لفظ جي ڏاڍا بگڙيل صورتخطي آهي ڪيل اصلاح لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيه ص ۴۹. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

انهيءَ کي نئين سر ناهيان، ۽ اتي شام ۽ باک ڦٽڻ جي شروعات وقت هندن جي پنجتوري يعني پنجن سازن واري نوبت جي رسم مطابق نوبت مقرر ڪيائين. [پوءِ] انهيءَ طرف جي سڀني واهڻاين کي گڏ ڪري، عمارت جي پوري ڪرڻ جو حڪم ڏيئي، اتان منزل ڪئي، ڪرمان پهتو، ۽ اڇي انهيءَ نهر تي لٿو، جا مڪران ۽ ڪرمان جي وچ تي آهي. [اتي پهچي] اپرندي جي حد ظاهر ڪيائين، ۽ نهر جي ڪناري تي ڪجين جو هڪ وڏو جهنگ لڀائي، [اعلان ڪيائين] ته مڪران ۽ ڪرمان جي وچ جي حد هي ڪجين جا وڻ آهن؛ ۽ اتي نشان ڪري ڇڏيائين ته هيءَ اها حد آهي، جا چچ بن سيلائج بن بساس سنڌ جي راجا جي وقت ۾ هئي. اها ساڳي حد اسان جي هن وقت تائين قائم آهي (١).

چچ بن سيلائج جو ارمابيل وڃڻ ۽ انهي تي دل مقرر ڪرڻ.

[چچ] پوءِ اتان ارمابيل ڏانهن موڪي آيو، ۽ تُوران جي ملڪ منجهان [ٿيندو اڇي] پُوراسي [نديءَ] (٢)

---

(١) اصل عبارت: "و امروز همان حد بما رسيده". ظاهر آهي ته اهي لفظ مترجم جا آهن ۽ سندس اشارو مڪران ۽ ڪرمان جي انهيءَ سرحد ڏانهن آهي، جا ناصرالدين قباچه جي وقت ۾ قائم هئي. (ن-ب) (٢) فارسي ايڊيشن غلطنامه ص ٢٩٠ مطابق صحيح پڙهڻي "بردست يوراني" هئڻ گهرجي. ن جي پڙهڻي "بردست تورائي" آهي ۽ انهيءَ لحاظ سان "بردشت توراني" ۽ قرين قياس معلوم ٿئي ٿو. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

وٽان ستي چڙهيو، ۽ ڪنهن به ساڻس لڙائي ڪانه ڪئي؛ نيٺ قندهار (يعني قندار) جي علائقي ۾ پهتو. انهيءَ بيابان جي ماڻريءَ کان "حصار" طرف رخ رکيائين، جتي ماڻهو قلعي ۾ بند ٿي ويٺا. پوءِ هو سبيبي (١) جي نهر جي ڪناري تي پهچي، لهي ويهي رهيو: ٽان جو ماڻهو تنگ ٿيا، ۽ پاڻ تي هڪ سؤ جابلو گهوڙا ۽ لک درهم [٢٩] سالياني ڏيل مقرر ڪيائون. هڪ سال جو مال ڪائنئ پيشگي وصول ڪيائين ۽ مثال قائم ڪري، اروڙ جي تختگاهه ڏانهن موٽي ويو، ۽ [تيستائين اتي رهيو] جيستائين ساهه کان موڪلائي، جهنم ڏانهن روانو ٿيو. سندس حڪومت جو عرصو چاليهه سال رهيو.

اروڙ جي تختگاهه ۾ چندر بن سيلائج جو ويهڻ.

چچ بن سيلائج جي مرڻ کان پوءِ، سندس پٽ چندر، اروڙ جي تختگاهه ۾ [گاديءَ تي] ويٺو، ۽ پڳڙي ۽ پروهتن جي ذريعي ٽيڪ ڏيئي زور ونايائين؛ ۽ تبليغ (٢) ڪيائين، ۽ پنهنجي دين ڏانهن رجوع ٿيو، ۽ هندستان جي بادشاهن سان خط و ڪتابت جاري ڪيائين (٣).

---

(١) م: سپسي، ن: سيني، ب س: سمني. ڪ: رسنين. (٢) ن مطابق پڙهڻي "تبليغ" آهي. فارسي ايڊيشن جي عبارت هن طرح آهي "وتبع بسيار فراهم آورد" (٣) اصل عبارت: "و مكتوبات و سراسلات از ملوك هند باز گرفت" جنهن جي معنيٰ مقصد جي لحاظ سان ڪئي وئي آهي. لفظي معنيٰ ٿيندي: "هندستان جي بادشاهن کان خط پٽ واپس ورتائين". ممڪن آهي چا ته "كيل عهدناما واپس ورتائين"؟ (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

سيوستان جي بادشاهه متي جو وڃڻ

[اهو حال ڏسي،] سيوستان جو راجا مٿو، ڪنوج جي راجا ڏانهن ويو. انهيءَ وقت ۾ هندستان جو بادشاهه بارانسي هو، ۽ ڪنوج، سيهرس بـن راسل جـي حڪم هيٺ هـو. متي، هن جي خدمت ۾ پهچي، ظاهر ڪيو تہ چچ بن سيلائچ مري ويو، هاڻي هـن جـو پاڻ چندر راهب تخت تـي ويٺو آهي، هو هڪ پڪ ماڻهو آهي، ۽ سارو ڏينهن پـڪتن سان مندر ۾ پنهنجي علم پـڑهڻ ۾ مشغول رهـي ٿـو، ڪانئس بادشاهي ڦري وڃڻ آسان آهي: جيڪڏهن بادشاهه اهـو ملڪ فتح ڪري، منهنجي حوالي ڪندو تہ مان انهيءَ طرف جـي عوض پاڻ تي دل مقرر ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، جا راجا جـي خزاني ۾ پهچائيندو رهندس [٥٠].

سيهرس جي طرفان هن ڪالهه جو جواب.

جنهن تي سيهرس، متي کي چيو تہ: چچ هڪ وڏو بادشاهه ۽ ڪشادي ملڪ جو مالڪ هـو. سندس مـري وڃڻ کان پوءِ، جڏهن اها بادشاهي وٺي پنهنجي حڪم هيٺ آڻيندس، تڏهن اسان جي ماڻ جي ڏاڍي مشهوري وڌندي، ۽ توکي پڻ انهيءَ جي هڪ حصي تي مقرر ڪندس. [آئين چئي] سيهرس پنهنجي پاڻ برهماس بن ڪساڻس کـي روانو

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

کیو. وڏي چچ (۱) جو ڏهڙو (۲)، جـو کشمير ۽ رسل جو راجا هو، تنهن سندس بيعت ڪئي، [جنهن کـان پـوء ٻيئي] پنهنجو لشکر وٺي روانا ٿيا، ۽ هاسي فـديء وٽ پهچي منزل ڪيائون. دِيْوَهْپُوْر (۳) قلعي ۾ جيڪي چندر جا کاموارا رهندا هٿا، سي لکي وياء. [انهن حي جاين تـي پنهنجا ماڻهو] مقرر ڪري، اڳتي روانا ٿيا. نيٺ اچـي بند کاهويم وٽ پهتاء. [اتي] هڪ مهينو ترسي، ٻڌ جـي پوچـا ڪيائون. [هوڏانهن] چندر بـن سيلائج ڏانهن ماڻهو ۽ خط موڪليائون ته اچي فرمانبرداريء جـا شرط پورا ڪري ۽ امان گهري. چندر هـي ٻـڌي انڪار ڪيو، ۽ قلعي بند ٿي، لڑائيء جي تياري ڪرڻ لـڳو ۽ ڏهرسينه بن چچ کي برهمناباد موڪليائين، آڻان جي لوهاڻي جي ماڻهن ۽ لوهاڻن اچي خدمت ۾ ٽيڪيو، ٻاڻ ڏاهر بـن چچ سان گڏ اروڙ جي قلعي ۾ استقلال سان سامهون ٿيو. سيهرس جي لشکر گهڻو وقت گهيرو ڪرائي لڑائي ڪئي، پر هو لڑائيء ۾ قلعي وارن سان پڄي نه سگهيو، تـڏهن صلح جـو در ڪڙکايائين، ۽ ڪنهن اٽکل سان ڏاهر کي باهر آڻي، قيد ڪرڻ چاهيائين، ۽ [پاڻيائين ته هـو] کيس هٿ ڪندو يـا

---

(۱) هتان معلوم ٿو ٿئي ته هن چچ کان اڳ ڪو ٻيو چچ ٻ هندستان جو راجا ٿي گذريو آهي، جنهن ڏانهن هت اشارو ڪيـو ويو آهي. (مترجم) (۲) هن جو نالو ٻ راسل هو، جيئن ص ۵۲ ۾ ظاهر آهي. (مترجم) (۳) اصل فارسي متن ۾: ديـو دهنوز. (وضاحت لاء ڏسو آخر ۾ حاشيه ۵۱)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

قتل ڪندو تہ پوء قلعو سندس هٿ اچي ويندو ۽ بادشاهي [پڻ] ضابطي هيٺ ٽيندي [۵۱].

سيڪرس جو ڏاهر بن ڇڇ ڏانهن قاصد موڪلڻ.

پوء راسل ۽ برهاس قاصد موڪليو تہ: اسان کي سوتي وڃڻ جو ارادو آهي، تنهنڪري توهان سان مضبوط عهدنامو ڪرڻ گهرون ٿا، جيئن هيءَ ملڪ توهان سان قائم رهي، ۽ ملاقات کان پوء ڏاهر کي نهايت عزت سان واپس ڪندا سون. ڏاهر مشهور معروف ڏکرن سان پنج سؤ هٿيار پنوهار پهريل چونڊ بهادر ساڻ وٺي، ڏرين جي وچ ۾ مضبوط عهدنامو ۽ صلح پڪي ڪرڻ لاء نڪتو. [باهر نڪري] پنهنجن سيني خاص ماڻهن کي چيائين تہ: اسان جو پروسو توهان جي بهادريءَ ۽ هوشياريءَ تي آهي، ۽ سيني جي دلين کي ٽيڪ ڏيئي، چڱن وعدن سان همت ڏياريائين، ۽ هلندا وڃي راسل جي سراء جي در تي بيٺا. راسل کين در تي روڪڻ جو حڪم ڏنو، ۽ پنهنجي هڪ وزير کي ڏڪي چيائين تہ: هيٺ لهي وڃي [ڏاهر جي] سپاهين کي چؤ تہ توهان جون ترارون جوهردار آهن، تنهنڪري هٿيار ٻڌي موڪليو تہ توهان جي ترارين مان هڪ چونڊي پاڻ وٽ نشاني ڪري رکون: پوء جڏهن سڀ هٿيار ڏيئي چڪن، تڏهن سيني کي قيد ڪريو، ۽ ٻيءَ صورت ۾ ڪهي چڏيون. وزير هن ٻڌائي سان هيٺ آيو ۽ هڪ ونگ جي هيٺان اچي بيٺو، ۽ جيئن هتن کان هٿيار وٺڻ گهريائين، تيئن اوچتو

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ونگ هيٺ ڪيري پئي ۽ وزير ونگ هيٺ رهجي ويو. [اهو حال ڏسي] راجا راسل پاڻ هيٺ لهي آيو، ۽ سيني کي سڏي هرهڪ کان هٿيار ونڻي، ڏسي، سندن اڳيان اچلائيندو ويو، ۽ نيٺ اچي ڏاهر بن چچ وٽ پهتو. ڏاهر کي چيائين تہ: پنهنجي ترار مون کي ڏيڪار. ڏاهر وراڻيو تہ اي بادشاهہ، هيءَ خنجر منهنجي پاءُ جو آهي، جو پاڻ کان [۵۳] جدا نہ ڪندس: [جيڪڏهن ڏسڻو اٿئي تہ] منهنجي هٿ ۾ ڇڪيءَ طرح ڏس. جڏهن ڏاهر جي ويجهو پهو تہ ڏاهر جي طرفان هڪ بهادر اڳتي وڌي چيو تہ: اي بادشاهہ هتن سيني تراربن کان منهنجو خنجر سڻو آهي. راسل جيئن هن کان ترار وٺڻ لاءِ اڳتي وڌيو تہ بهادر، مست شينهن وانگيان، ٽيو ڏبڻي، راسل جي ڏاڙهيءَ مان ونڻي، ڪڍي ڪيس زمين تي ڏسيو، ۽ سندس سيني تي وهي چيائين تہ: چاهين ٿو تہ توکي فنا ڪريان؟ [ايتري ۾] ڏاهر ۽ ٻئي تراربون ڪيي چوڌاري ڦري آيا. راسل لاچار ٿي چيو تہ: [آخر] توهان جي کهڙي مرضي آهي؟ سان توهان سان پڪو عهدنامو ڪريان ٿو جو سچو هوندو، ۽ مخالفت نہ ٿيندي. ڏاهر چيو تہ: اسان کي معلوم ٿي چڪو تہ توکي اسان سان نڳي ڪرڻ جو خيال هو، تنهنڪري اسان کي تنهنجي ڳالهہ تي اعتبار ڪونهي: نڳيءَ ۽ بد اعتقادي جي سزا پهريائين تنهنجي وزير کي ملي، جو ونگ هيٺان دهجي هلاڪ ٿيو، [پوء] وري تون اسان جي هٿان گرفتار ٿيو آهين: هاڻي ضمانت ڏي تہ ديوهہ پور جو قلعو ۽ جيڪا اسان جي ضمانت تو وٽ آهي، سا واپس ڪندين، تنهن کان پوء تنهنجي ضمانت واپس ڪنداسون.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

راسل پنهنجا ضامن اروڙ موڪليا، جن مان پنج جٹا مشهور اڳواڻ اروڙ جي قلعي ۾ جهليائون، تنهن کان پوء انجام وٺي ڪيس چڏيائون. ڏاهر انهن [راسل جي ضامنن] کي پنج سؤ بهادرن سان برهمناباد موڪليو. راسل، ڏاهر جا اعتماد جوگا ماڻهو پاڻ سان وٺي ويو، ۽ وڃي قلعو سندن حوالي ڪيائين، ۽ جيڪي ماڻهو وٽس رهيل هئا، تن کي پٽ آزاد ڪيائين. جڏهن قلعي مان معتمدن جو خط ڏاهر کي پهتو، تڏهن راسل جي ضامن کي باعزت واپس موڪليائين، ۽ سندس وچ ۾ صلح ۽ موافقت ٿي.

چندر جو چچ بن سيلائچ جي گاديء تي ويهڻ.

پوء بادشاهي چندر جي حوالي ٿي. رعيت سندس همدردي ڪرڻ ڪري آرام سان گذارڻ لڳي، ۽ بادشاهيء جو ڪاروبار ٺيڪ ٿيو. چندر جي بادشاهي ست سال هلي، ۽ اٺين سال [٥٣] ۾ مري ويو. [سندس مرڻ کان پوء] ڏاهر، اروڙ جي تخت تي ويٺو، ۽ چندر جو پٽ راج برهمناباد ۾ جانشين ٿيو. راج جي بادشاهي، هڪ سال کان وڌيڪ نه هلي. ڪانئس پوء ڏاهرسينه بن چچ برهمناباد کي قبضي ۾ آندو، ۽ سندس پيءُ مايين پڻ سائس ٺهراءُ ڪري، سندس بيعت ڪئي. پوء ڏهرسينه، اڳهر جي ڏيءَ سان شادي ڪئي، ۽ پنج سال اتي رهيو، ۽ چوطرف پروانا موڪليائين، جنهن تي سڀني فرمانبرداري ڪئي. [هن کان] پوء ڏهرسينه وڃي ڪجهه وقت راوڙ (١) جي قلعي ۾ رهيو،

(١) اصل صورتخطي: راوڙ.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جنهن جو بنياد چچ رکيو هو ۽ پوري ٿيڻ کان اڳ ئي مري ويو هو. انهيءَ [قلعي] جي عمارت پوري ڪري، آسپاس جي واهڻين کي سڌي، [منجهائن] ڏسڻا وائسڻا ماڻهو انهيءَ [قلعي] ۾ رهايائين. آباد ٿيڻ کان پوءِ انهيءَ جو نالو راوڙ رکي، پاڻ برهمناباد جي قلعي ۾ موڪلي آيو، ۽ بادشاهي جا ڪم ٽيڪ هلندا رهيا.

[ڏهرسينه جو پنهنجي] پيءُ کي پاڻيا جي راءِ جي حوالي ڪرڻ لاءِ اروڙ موڪلڻ.

[ٿوري وقت کان] پوءِ، ڏهرسينه کي خبر پيئي ته سندس پيءُ بالغ ٿي آهي، جنهنڪري ڪيس ڪٽيءَ ورتو ته مايين وڏي ٿي آهي. هوڏانهن نجومين سندس [مايين جي] ڄڻي ڏسي ٻڌايو ته: سندس ستارو بختاور آهي (۱) ايڏا انهيءَ ڪٽيءَ ۾ هو ته رمل جي راجا سوڍن راءِ پاڻيا، جا قاصد ان جي سڳ گهرڻ لاءِ اچي پهتا. ڏهرسينه اگرچ وڏو ياءُ هو، [پر تنهن هوندي ب] پيءُ جو ڏاجو شاهاڻو تيار ڪري، ست سؤ گهوڙا ۽ پنج سؤ ٺڪر ماڻهو هن سان گڏ موڪلي، ڏاهر ڏانهن لکيائين ته: مايين کي پاڻيا جي راجا جي حوالي

---

(۱) اصل متن جي عبارت هن طرح آهي. "و ميلاد اورا منجمان بر طالع سعد نهادند"، جنهن جو ترجمو ٿيندو "۽ نجومين سندس ڄڻي بختاور ستاري تي رکي"، پر جنهن صورت ۾ هيءُ ترجمو پنهنجو مطلب ادا ڪرڻ ۾ واضح نه هو، تنهنڪري ڪتاب ۾ آزاد ترجمو ڪري، مطلب واضح ڪيو ويو آهي. (مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڪر، ۽ راءِ سوين جو شرط هيءَ آهي تہ سندس مهر ۽ ڏاج ۾ هڪ قلعو سندس حوالي ڪيو ويندو، جنهن جو هو مالڪ رهندو [۵۴].

قاصد اروڙ پهتو، ۽ [مايين جي حوالي ڪرڻ ۾] باقي هڪ مهيني جي مدت وڃي رهي تہ [اوچتو] راجا جي ڪنهن خاص مائهوءَ هڪ ڏينهي هندستان جي هڪ حڪيم کان، جنهن کي علم نجوم ۾ ڪامل مهارت هئي، کو سوال پڇيو، جنهن متعلق هن جو ڪيئل جواب پورو نڪتو. اهو مائهو راجا ڏاهر وٽ آيو تہ راجا کانئس پڇيو: "ڏکر اڄ ڪهڙي مهم ۾ مشغول هو، جو دير سان آيو آهي: ڇا اهو ڪم اسان جي خدمت کان به مقدم ٿي وبو؟" ڏکر چيو تہ: "راجا سلامت رهي! مون کي هڪ ضروري ڪم پيش آيو هو، جنهنڪري منهنجي دل پريشان ۽ متفڪر ٿي پيئي هئي. برهمڻن مان هڪ نجومي آهي، جو عالم ۽ علم نجوم جو ڄاڻو آهي. حڪمي نتيجو ٻڌائيندو آهي، ۽ سندس دليل تجربي سان ٺهڪي اچن ٿا." [مطلب تہ حقيقت] ڪولي بيان ڪيائين، ۽ جيئن صحيح هو، تيئن تيئن ٻڌايائين. جنهن تي ڏاهر فرمايو تہ: "اسان جي سفر، حضر، بادشاهيءَ جي رونق، ۽ حڪومت جي انتظام متعلق انهيءَ کان وڃي پڇا ڪر." هن مائهو اڳي عرض ڪيو تہ: "راجا سلامت رهي! ڪاميابيءَ جي وقت راجائن کي حڪيمن سان صحبت ڪرڻ، ۽ عالمن، اديبن ۽ برهمڻن سان سنگت رکڻ کان عار نہ ڪرڻ گهرجي، چاڪاڻ تہ هو اسان جا امام آهن. سندن خدمت ۾ وڃڻ ۽ سندن تعظيم بجا آڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ لازمي ڄاڻڻ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

گهرجي، چاڪاڻ ته انهن جو رضامندو ۽ عزت ۽ مرتبي جو واڌارو ۽ بلنديءَ ۽ حشمت لاءِ دوام آهي: تنهن کان سواءِ فال اها چڱي جيڪا واقعي جو صاحب پاڻ روبرو حاضر ٿي [معلوم ڪري]، ۽ نجومي جواب ڏين."

ڏاهر جو پيءُ بابت حڪم پڇڻ لاءِ نجوميءَ وٽ وڃڻ.

ڏاهر کي هيءَ تقرير پسند آڏي. هاڻيءَ تي پالڪيءَ ٻڌڻ جو حڪم ڪيائين، ۽ پاڻ [ان ۾] وهي نجوميءَ جي اوطاق تي پهتو. نجوميءَ راجا [٥٥] کي ڏسي، استقبال ڪيو ۽ چيائين: "راجا سلامت رهي! ڪهڙي ڪم سان اڄ ٽيو آهي؟ ڏاهر وراڻيو ته: "اسان جو لشڪر جي مصلحت متعلق سوال آهي، جنهن لاءِ آيا آهيون، پڻ ملڪ جي پلاڻيءَ، بادشاهيءَ جي قاعدي قانون ۽ ٻين سڀني ضروري ڪمن لاءِ حساب ڪرڻ گهرجي ته جيئن ڪمن جا نتيجا اسان کي روشن ٿي سگهن ته نتيجو چا ٿيندو؟" نجوميءَ چيو ته: "سڀ بختاور ستارا تنهنجي طالع ڏانهن ڏسندڙ آهن، ۽ تربيع (١) خواه مقابلي جي مدنظر کوڙ نحس [ستارو] ناموافق ڪونهي. هي قلعو ۽ بادشاهي گهڻن سالن تائين تو لاءِ مقرر ۽ مضبوط آهي، ۽ جيڪڏهن راجا لاءِ سفر جو اتفاق ٿيندو ته به مبارڪ ۽ بخت وارو ٿيندو، ۽ پنهنجي

---

(١) تربيع. علوم نجوم جو اصطلاحي لفظ آهي. جنهن جو مطلب هوندو آهي ته: چار ستارا هڪ چوڪنڊي جي صورت ۾ ٻئل هجن ۽ هڪٻئي ڏانهن نهارينڊڙ هجن. (مترجم).

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

عزت ۽ بزرگيءَ واري مسند ڏانهن سلامت موڪلي ايندو." پوءِ چيائين تہ: "اسان جي پيڙ ماڻهن جو طالع ڪيئن آهي؟"

نجوميءَ جو ارشاد.

نجوميءَ چيو تہ: "حساب جو زائچو ائين ٿو ڏيکاري تہ هيءَ اروڙ جـي قلعي کان ٻاهر نہ ويندي، ۽ سندس سڳ اهو راجا گهرندو، جنهن جـي هٿ ۾ حڪم هيٺ هندستان جي بادشاهي هوندي، ۽ هيءَ چوڪري انهيءَ جـي نڪاح ۾ ايندي."

نجومي جڏهين ڪيس هيءَ حقيقت کولي ٻڌائي، تڏهن ڏاهر ويچار ۾ پئجي ويو تہ اهـو ڪيئن ٿيندو. گهر موڪلي اڇي پنهنجي پيءُ جي وزير ٻڌيمن کي هيءَ حقيقت کولي ٻڌايائين.

ٻڌيمن وزير جي راجا ڏاهر کي صلاح ڏيڻ.

وزير چيو تہ: "بادشاهيءَ جو ڪم نهايت نازڪ آهي، ۽ مختلف ملڪن، حدن، لشڪر ۽ نوڪرن چاڪرن جـو شهنشاهہ لاءِ پنهنجي ملڪ سان ناتا ٽوڙڻ تمام ڏکيو ڪم آهي: (مثال) [٥٦] چاڪاڻ تہ پنج شيون پنهنجي جـاءِ ڇڏي سرسبز نہ رهنديون آهن: ١ـ بادشاهيءَ کان بادشاهہ؛ ٢ـ وزارت کان وزير؛ ٣ـ عمل کان عالم؛ ٤ـ وار ۽ ڏند. ٥ـ عورت جـو آرهہ؛ [هي شيون] جڏهن پنهنجي جـاءِ کان هٽي ويندبون تہ سهڻيون نہ لڳنديون. بادشاهہ، بادشاهيءَ خاطر

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

پاڻن ۽ عزيزن جو ساهه وٽندا آهن، نه ته به ملڪ کان اوس ٻاهر ڪيڙي ڇڏيندا آهن، ۽ پنهنجي مقربن ۽ تعلقدارن جي ٻئي ملڪ ۾ ٻاڦواري يا مداخلت روا نه رکندا آهن. بادشاهه جڏهين بادشاهي کان گوشو ڪندو ته پوءِ عام ماڻهن جي برابر آهي. [هاڻي] جڏهن نجوميءَ اهو حڪم ڪيو آهي، تڏهن پيڻ کي نڪاح ۾ آڻي، زال بنائي، پاڻ سان گڏ تخت تي ويهارڻ گهرجي. اگرچ سندس صحبت کان پاسو ڪندو رهندين، تاهم [متس] زال جو نالو هوندو ۽ تنهنجي بادشاهي تو وٽ رهندي."

راجا ڏاهر انهن پنج سؤ ٺڪرن کي گهرايو، جڪي سندس خاص ماڻهو ۽ معتقد هئا، ۽ چيو ته: "هر حال ۾ منهنجو پروسو ۽ اعتقاد توهان جي سمجهداريءَ ۽ بهادريءَ تي آهي. [توهان جي] صلاح ۽ نصيحت [کان سواءِ] کو چارو نه آهي، ۽ ساري ملڪ ۾ منهنجو فرمان توهان جي ٽيڪ تي جاري آهي. هينئر نجومين هن طرح نتيجو ڪڍيو آهي ته مسماة مايين هن قلعي کان ٻئي پاسي نه ويندي، ۽ سندس مڙس اهو ٽيندو، جنهن جي هٿ ۾ هن بادشاهيءَ جو اڌ حصو رهندو. سون کان بادشاهي وڃڻ نه گهرجي: انهيءَ لاءِ ويچار ڪرڻ گهرجي. بادشاهيءَ کان تعلق ڇڏڻ ڏکي ڳالهه آهي. ڏيمن وزير هڪ صلاح رڌي آهي، [پر] اها وڏي شرم جهڙي، اٿوٽندڙ [۵۷] ۽ برهمڻ جي خاندان لاءِ بدنامي آهي، ۽ هيءَ خراب ڳالهه وقت جي بادشاهن جي ڪن پوندي، ۽ عام ماڻهن جي واتن تي ايندي،

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

تڏهن هو اسان کي پنهنجي نيات مان ڪڍي ڇڏيندا، جنهن ڪري اسان جي طريقي ۾ خلل پيدا ٿيندو."

ٻڌيمن وزير جو طلسم.

ٻڌيمن وزير گهر وڃي، هڪ گهيٽو آڻي، ان جي پٺ ۾ واري ۽ آهر چٽي، مٽانس پاڻي ڇڪائڻ شروع ڪيو ۽ اٺ پهر [گهر ۾] رکيائينس، جيستائين ٽلهو ٿيو، ٻوء باهر هڪلي ڇڏيائينس. ننڍا، وڏا، شهري خواه واهٽي ماڻهن جا انبوهه انهيء ڏانهن تعجب سان ڏسڻ لڳا، جيستائين جو هن گهاڙهه کي ڏينهن گذريا. تنهن کان پوء اهو گهيٽو سڄي شهر ۾ ڦرندو رهيو، پر ڪنهن به ان ڏانهن نٿي واجهايو، ۽ اها گهاڙهه وساري ڇڏيائون. وزير چيو ته: "اي بادشاهه! جيڪا به چگهي يا بچڻي گهاڙهه ٿيندي آهي ته ڏينهن ماڻهن جي واتن ۾ رهندي آهي. تنهن کان پوء ڪوبه ان جي نيڪيء يا بديء کي ياد نه ڪندو آهي. تون ڪنهن به صورت ۾ بادشاهيء کان تعلق توڙڻ وارو نه آهين، ۽ پنهنجي دل ۾ اهو فيصلو ڪيو اٿئي. هيء جماعت تنهنجي حڪم کان باهر وڃڻ واري نه آهي. [تنهنڪري اهو ڪم] ڪرڻ گهرجي." پوء ڏاهر انهن پنج سؤ نڪرن کان رايو پڇيو، جن جي قول تي هميشه اعتماد ڪندو هو، ۽ جن جي بهادريء ۽ دهڊي تي اعتماد رکندو هو، ۽ هو پڻ سندس حڪم جا گرويدا رهندا هئا، ۽ سندس سڀني قولن ۽ فعلن سان متفق هوندا هئا. سڀني اتفاق ڪيو ته راجا جو حڪم اسان جي جان تي جاري آهي، ۽ انهيء ۾ ڪوبه شڪ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

نہ آهي تہ بادشاهن جي طراوت بادشاهيءَ سان آهي، جيڪڏهن هيءَ بادشاهي هلي وڃي تہ پوءِ پاءُ جي هٿ اچي يا ڏاريي جي، [ڪوبہ فرق نہ آهي]. جڏهن هن ڳالهہ تي سڀ متفق ٿيا، تڏهن ويو ۽ وڃي پنهنجي پيءُ مٿان چادر وڌائين، ۽ ڪيس مٿي ۽ ٻيا زيور پهرائي، پنهنجي ترار سندس پاسي ۾ رکيائين. [تنهن کان پوءِ] ترار سميت باهر نڪتا ۽ هن جي چادر جو پلوُ پنهنجي چادر سان ٻڌي، ڪيس بادشاهيءَ جي تخت تي [۵۸] پنهنجي پاسي ۾ چٽ هيٺان ويهاريائين، ۽ هيءَ ڳالهہ عام خاص ماڻهن جي واتن ۾ پنجي مشهور ٿي.

ڏاهر جو ڏهرسينہ ڏانهن تعظيم سان خط لکي موڪلڻ.

پوءِ ڏاهر پنهنجي پاءُ ڏهرسينہ ڏانهن تعظيم سان خط موڪليو، جنهن ۾ سائين جي ستاري جو احوال داخل ڪيائين تہ: نجومين هن طرح نتيجو ڪڍيو تہ هيءَ چوڪري اروڙ جي راڻي ٿيندي ۽ هن جو مڙس راجا ٿيندو، جنهن جي هٿ هيٺ هيءَ ملڪ ايندو. تنهنڪري [سيني جي] صلاح سان بادشاهيءَ خاطر هيءَ عار اختيار ڪيو اٿم، جنهنڪري معذرت ڪئي وڃي تہ هيءَ مصلحت مجبوريءَ کان، نہ خوشيءَ کان منظور ڪئي ويئي آهي: معاف ڪجي."

ڏاهر جو خط ڏهرسينہ کي پهچڻ.

ڏهرسينہ کي جڏهن هيءَ خط پهتو، تڏهن جواب

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

لکيائين تہ "هيءَ گالهہ بري هڻي، ۽ هيءُ ڪم اٿوٽندڙ: لاچار هو يا اختيار، ڪنهن بہ حالت ۾ تون معذور نہ آهين. جيڪڏهن هيءُ ممنوع ۽ اٿوٽندڙ ڪم راجائي لاءِ جائز سمجهيو اٿئي تہ جيئن دنيوي بادشاهي تنهنجي قائم رهي [تہ بہ] تو لاءِ کو چارو ڪونہ هو. پر جيڪڏهن، شيطاني وسواس کان هن باب ۾ شروع ٿيو آهين [تہ پوءِ تہ] توکي [هڪدم] رجوع ڪرڻ، تو بہ تائب ۽ پشيمان ٿيڻ گهرجي: ائين نہ ٿئي جو اسان جي دين کان نڪري وڃين ۽ اسان کي توسان بيعت پڄڻي پوي، ۽ جيڪڏهن هنن نصيحتن سان هن نامعقوليءَ کان باز نہ ايندين تہ باز پرس جو [٥٩] حقدار ٿيندين، جنهنڪري توکي تڪليف پهچندي، ۽ توکي تنهنجن اٿوٽندڙن ڪمن جي جيڪا بہ سزا ملندي سا پاڻ ڏانهن سمجهج."

جڏهن ڏهرسينه جو خط ڏاهر کي پهتو تہ دل ۾ پاڻ پنهنجي ياءُ ڏهرسينه وٽ وڃڻ جو خيال ڪري، وزير کان صلاح پڇيالين تہ: برهمٽاباد وڃان يا تنهنجي نظر ۾ ڇگو ڪيئن ٿيندو؟

هڏيمن وزير جو ڏاهر کي روڪڻ.

هڏيمن وزير چيو: "راجا سلامت رهي! هن خيال کي ڪرڻ ۾ تو وڏي خطا ڪئي آهي، جنهن جي ڪنهن بہ بهاني سان تلافي نہ ٿيندي، ۽ جنهن جي نتيجي کي جنهن بہ رستي سان روڪبو تہ جان جي هلاڪت جو باعث ٿيندو. جيڪڏهن

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

تون پاڻ جي روبرو ٽيندين تہ ٻوءِ ساهہ کان هٿ ڏوئڻ گهرجي، ۽ جيڪڏهن تون اڻين ٿو سمجهين تہ تنهنجو پاڻ تو سان مخالف نہ ڪندو، تہ هيءَ هڪ وڏو محال [خيال] پنهنجي دل ۾ آندو اٿئي، چاکاڻ تہ ملڪ، زمين ۽ زال جهڙي ڪنہ ۾ پاڌيواري ۽ حصيداري نہ ٿي سگهندي، بلڪ [ان ۾] جان جو خطرو انهيءَ حد تائين آهي، جو پيءُ پٽ لاءِ روادار نہ ٿيندو آهي، ۽ نہ پٽ پيءُ تي اعتماد ڪندو آهي، ۽ جيڪڏهن [هڪڙو] هن گالهہ جو تو ڪي پڪو ارادو آهي تہ ٻوءِ حياتي تان هٿ ڏوئي ڇڏڻ گهرجي؛ مون ڪي ڪنهن به طرح چگو ڏسڻ ۾ نٿو اچي." ڏاهر چيو تہ: "ٻوءِ اسان جي ڀلائي چا ۾ آهي؟" چيائين: "تنهنجي لاءِ چڱي صلاح هيءَ آهي تہ پاڻ جي لهہ و چڑ ۽ گڏ وهڻ کان پاسو ڪندو رهج، ۽ سندس ملاقات جو اشتياق نہ رکج، ۽ قلعي بنديءَ کي لازمي سمجهج، ۽ جيڪي به نجومي ۽ پوپا فرمائين انهيءَ تي عمل ڪندو رهج ۽ انهن جي نصيحت جو تابع رهج، نہ تہ هن بابت ٻيو ڪوبہ حيلو ڪارگر نہ ٿيندو." ٻوءِ ڏاهر انهيءَ صلاح تي محڪم ٿي ٻيٹو، [٦٠] ۽ قلعي بندي لازمي سمجهي قلعي بنديءَ جي ضروري سامان جهڙوڪ اناج، گاهہ ۽ ڪاڻين جو ويچار ڪرڻ لڳو ۽ ذخيرو ڪري رکيائين. [تنهن کان سواءِ ٻيو ب] جنگي سامان، هٿيار وغيره مهيا ڪري تيار ۽ منتظر ٿي ويٹو.

ڏاهر جو ڏهرسينہ ڏانهن لکيو موڪلڻ.

ٻوءِ ڏهرسينہ ڏانهن تعظيم ۽ تڪريم سان هڪ خط

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

لکيائين "اگرچ مايين کي اسان جي پيءُ ڏانهن نسبت آهي پر [حقيقت ۾] هوءَ جتن جي ڏيءِ آهي (۱)، جيڪي اصل ۾ مخالف ۽ جرائم پيشہ آهن: خصوصاً جتن جون زالون. جيڪڏهن حقيقت کان واقف ٿيندين تہ هو اعتماد ۽ اعتقاد جا لائق نہ آهن، ۽ امانت ۽ پرهيزگاريءَ کان پري آهن. هندي پهاڪو مشهور آهي تہ 'جيڪو رڌ جي ڪنگ وٺندو سو ڏهندو، ۽ جيڪو جٽي زال جي هانڻن کان وٺندو سو انهيءَ تي چڙهندو.' جنهن صورت ۾ هن جو مزاج اجنبي آهي، تنهنڪري ان سان نڪاح جائز هو. هيءَ نصيحت چڏي ڏي، جيڪڏهن توکي [اجا بہ] هن گهاڻهہ ۾ ڪو شڪ شبهو هجي تہ پوءِ مان سخت قسم کڻان ٿو ۽ پڪو انجام ڪيان ٿو تہ مان هر حالت ۾ تنهنجو فرمانبردار رهندس، ۽ مان اروڙ جي قلعي ۾ تنهنجي گورنر مان هڪ گورنر جي بجاءِ آهيان، ۽ توسان مخالفت نہ ڪندس ۽ نہ وري ڪو مقابلو ڪندس- وڌيڪ ادب.

ڏهرسينہ جو ڏاهر کي هٿ ڪرڻ لاءِ اروڙ وڃڻ.

جڏهن ڏاهر جو لکيو سندس ياءُ ڏهرسينہ کي پهتو ۽ سمجهيائين تہ ڏاهر پاڻ کي هن ڏنگيءَ سان خوش ڪري اڇڻ کان انڪار ڪيو ۽ ياءُ جي نصيحت مٿس اثر ڪونہ

---

(۱) هي بہ هڪ عجيب تضاد آهي. خود مصنف، ڪتاب جي شروع ۾ صفحہ ۲۵ تي چئي آيو آهي تہ جڏ ڪي راڻي سونهن ديوي مان ۽ پٽ، ڏاهر ۽ ڏهرسينہ، ۽ هڪ ڏيءِ مايين نالي جائي. (مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڪيو، تڏهن سامان ۽ سواريءَ جي تيار ڪرڻ جو حڪم ڏنائين، ۽ [٦١] سوپارو تارو ڏسي جلدي روانا ٿيا. ڪيترا ڏينهن خطرناڪ بيابان جي رستي ۽ ڏٺن ۾ هلندو رهيو، ۽ هرهڪ منزل تي ڪوهيون کوٽاريائي، پنهنجون مشڪون ۽ ٽانءَ پائي سان پريل رکندو هو، جيئن لشکر ڏاول رهي ۽ اڄ نه مري. اهڙيءَ طرح گهٽا ڏينهن رستي ۾ گذاريائون، ۽ ترسندا ۽ نرمي کندا رهيا. [ائين ڪرڻ سان هن] ڏاهر کي نگهڻ ٿي چاهيو، ۽ انڪل ۽ رت سان ڪهن طرح ڏاهر کي هٿ ڪرڻ [گهرپائين ٿي]، جاسوس موڪليندو، رستن ۽ شڪار-گاهن ۾ جاچ ڪرائيندو ٿي رهيو، جيئن هن کان پڇي نه وڃي. [هوڏانهن] ڏاهر [اگرچ ظاهر ۾] سارو ڏينهن عيش ۽ خوشيءَ ۾ رهي، پاڻ کي مشغول رکندو رهيو، [۽ اندران ٿي اندران] رستن ۽ شڪارگاهن تي جاسوس موڪلي خبر رکندو ٿي آيو، ۽ اعتماد جوگهڻ ماڻهن ۽ جنگي جوڌن کي پورن هٿيارن سان چؤطرف مقرر ڪري، قلعي جي چٹي دروازن تي ايماندار ۽ قابل اعتماد چوڪيدار ويهاريا هنائين، ۽ جيئن نهايت ڪوشش سان قلعي جي دروازن جي حفاظت ڪن ۽ هر وقت ويٺا رهن. هوڏانهن ڏهرسينه گمان ڪندو رهيو ته شايد ڏاهر پنهنجي ڪئي کان پشيمان ٿيو آهي. آخر جڏهن ڏٺن ڏينهن جي پنڌ تي پهتو، تڏهن سندس جاسوسن سوڻي اچي خبر ڏني ته ڏاهر بن ڇڇ ۽ سندس لشکر سارو ڏينهن عيش عشرت ۽ راند روند ۾ مشغول آهن، ۽ ڏهرسينه جي طرف جو ڪوبه فکر ڪونه اٿن.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڏهرسينه جي ڏاهر کي وٺڻ جي کوشش ڪرڻ.

[هيءَ خبر ٻڌي،] ڏهرسينه کي لالچ ٿي تہ جڏهن هو غافل آهي، تڏهن شايد هي قلعو [آسانيءَ سان] هٿ چڑهي ويندو؛ تنهنڪري کوشش ڪري ٻلغار ڪرڻ شروع ڪيائين، ۽ هڪ ڏينهن رات ٻ ويهہ فرسنگ پنڌ ڪري صبح جي وقت [٦٢] اروڙ پهتو. ڏاهر انهيءَ وقت شڪار تي وڃڻ لاءِ تيار هو. گهوڙو سندس اڳيان آندائون تہ ايتري ٻ اوچتو هڪ سوار ظاهر ٿيو، جنهن کي سوار آسپاس ٻڌ ويهاريا هنا. سوار جي قلعي جي دروازي تي پهچڻ سان قلعي جا دروازا بند ڪيائون، ۽ ماڻهو هٿيار ڪڍي ڪنگرن تي چڑهي آيا. هوڏانهن ڏهرسينه [ٻ] اچي قلعي جي دروازي تي ٻيٺو، ۽ دربان کي چيائين: "دروازو کول تہ مان اندر اچان." سگر قلعي وارن دروازو نہ کوليو، ۽ جنگ لاءِ تيار ٿيا. ڏهرسينه ڏاهر ڏانهن ماڻهو موڪلي، پيغام روانو ڪيو تہ: "مان لڑائي ۽ جهيڑي لاءِ نہ آيو آهيان، [پر حقيقت هي آهي تہ] هيءُ قلعو منهنجي پيءُ جو تختگاهہ هو، ۽ انهيءَ کان مون کي [ورثي ٻ] مليو آهي، ۽ تو کي منهنجي هٿان. راجائي منهنجي آهي، ۽ تون منهنجي طرفان هن جاءِ جو گورنر آهين. هڪ ملڪ ٻ ٻ ڇڏ نہ ٿيندا آهن. [تنهنڪري تو کي] هن بادشاهيءَ تان هٿ کڻي، قلعو منهنجن اعتماد جوگن ماڻهن جي حوالي ڪرڻ گهرجي." ڏاهر ورائيو تہ: "تون ويجهو نہ اچ، ۽ وڃي ٻاهر ڪئمپ ڪري، پنهنجا اعتماد جهڙا ماڻهو موڪل تہ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

سون کي پروسو ٿئي، ۽ ٻاهر نڪري فلعو تنهنجي حوالي ڪريان."
ڏهرسينه جڏهن ڏٺو ته هو [ڏاهر] مقابلي لاءِ تيار آهي، ۽ هي
حيلو ڪارآمد نه ٿيو، سو مهراڻ ٽپي وڃي [ٻئي ڪپ تي]
منزل ڪيائين، ۽ ڏاهر جي پڪڑ لاءِ سودا پچائيندو ۽ دل
۾ سٽون سڻيندو رهيو. پهريائين ته هن سان صلح ۽ نرمي
اختيار ڪري، برادريءَ ۽ قرابت جي رستي تواضع ڪندو
رهيو، [انهيءَ خيال کان] ته مانَ قلعي کان ٻاهر نڪري اچي.
ٻئي پاسي اروڙ جي مڪيه ۽ وڏن ماڻهن ڏانهن ماڻهو موڪليندو
رهيو ته مانَ [انهن جي ذريعي] سندس بيعت ڪري: [پر ڪي
بهَ] حاصل نه ٿيو.

ڏاهر جي وزير سان صلاح ڪرڻ.

پوءِ ڏاهر، ٻڌيمن وزير کي گهرائي چيو ته: "ڏهر سينه
خط و ڪتابت ۾ هيڏي [٦٣] نرمي ۽ نوڙت بجا ٽو آڻي،
تنهنڪري منهنجو عقل تقاضا ٽو ڪري ته ٻاهر نڪري
پنهنجي بزرگ ٻاءُ جو رضامندو حاصل ڪريان، ۽ پانيان ٽو
ته هو مون سان ٽڪي نه ڪندو." ٻڌيمن وزير چيو: "اي
راجا! هن قول تي اعتماد نه ڪرڻ گهرجي، ۽ هن ٽڪيءَ ۽
مڪر تي ٽڪجي، سندس چوڻ قبول نه ڪر. چاڪاڻ ته
بادشاهن کي گهٽيون ٽي رٽون هوندیون آهن، ۽ اقرار ۽
قسم ته سندن ٽڪيءَ جا دام آهن. هو صلح ۽ انڪل سان
دشمن کي دام ۾ ڦاسائيندا آهن، ۽ پنهنجي مطلب برصواب
ٽيڻ لاءِ قسمين قسمين تواضع سان سخن چونڊا آهن،

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

بادشاهي آداب ۾ ته دشمن کي مڪر ۽ حيلي سان هٿ ڪري سگهجي ٿو، رڳو [انهيءَ تي] عمل ڪرڻ گهرجي، ۽ جيڪو مصيبت جي دام ۾ گرفتار ٿيندو تہ پوء انهيءَ کي کوڙ حيلو ڪم نہ ايندو. ٻڌي ۽ مڪر ته رڳو بادشاهن جي انتقام ونڊ لاء بنايا اٿن. سو مان ڏجان ٿو ته [متان] توکي ڏهرسينہ طرفان کا تڪليف پهچي، يا ٻڌيءَ جي دام ۾ ڦاسي تڪليف جي ڇڙي ۾ گرفتار ٿين، جتان آزاد ٿيڻ تنهنجي لاء ڏکيو ٿي پوي." ڏاهر چيو تہ: "اگرچ [هيءُ] خوف بجا آهي، ۽ بيپرواهم نٿو ٿي سگهجي، تاهم سگهو ٻاڻ آهي، ۽ آءٌ کانئس ڇڄي نٿو سگهان، ۽ جيڪي فرمايو اٿس سو قبول ڪرڻو آهي. [تنهنڪري] مان سندس خدمت ۾ حاضر ٿيندس، [بشرطيڪ] مون کي اهڙو اعتماد ڏياريو وڃي، جنهن کان سنهنجو ڪڪو لهي وڃي." جنهن تي راجا ڏهرسينہ پڪو انجام ڪري، قسم ڪامو لکيو ۽ چيو تہ: "مان تنهنجي پروسي ڏيارڻ خاطر اڪيلو ايندس ۽ تون لشڪر سميت ٻاهر اڇ تہ توکي ڏسان."

انهيءَ انجام تي ٻنهي اتفاق ڪري وقت مقرر ڪيو. ٻئي ڏينهن جيئن آسمان جي سج ايرندي جي اڀ کان ڪڍي ڏيي، ۽ دنيا سُرمائي لباس کليءَ تان لاهي ڇڏيو (١). تہ ڏهرسينہ هاڻيءَ تي چڙهي اروڙ جي اولاهين دروازي کان آيو. قلعيدار ڏاهر ڏانهن معتبر ماڻهو موکليو تہ: ڏهرسينہ قلعي جي دروازي تي آيو آهي، [ڪنهن لاءِ] کوڙو

---

(١) يعني رات گذري ڏينهن ٿيو. (مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

حڪم آهي [٦٤]؟ ڏاهر فرمايو تہ: "دروازو کولي ڪيس اکيلو اندر آڻيو." [جنهن تي] ڏهرسينه کي اندر وڃي آيا. ڏاهر هڏيمن وزير کي سڏي چيو تہ: "ڏهرسينه قلعي ۾ آيو آهي، ۽ جيڪڏهن تہ هو هلي آيو آهي، تنهنڪري مون کي ضرور انهيءَ وٽ وڃڻ گهرجي، ۽ جيڪڏهن هو ٻاهر اچڻ لاءِ حڪم فرمائيندو تہ به سندس حڪم عدولي نہ ڪندس. هن بابت تنهنجي راءِ ڪهڙي آهي؟" وزير چيو تہ: "توکي سندس قول تي اعتماد نہ جڳائي، هن جي لشکر جي واڻان جيڪي هڏجي ٿو [تنهن ڪان معلوم ٿو ٿئي تہ]، هو ٽڳيءَ جو ويچار ڪري رهيو آهي. پهريائين تہ هن کي قلعي ۾ آڻڻ مصلحت جي خلاف هوءِ ۽ جيڪڏهن آيو آهي تہ جنهن صورت ۾ اکيلو آهي ۽ سندس قتل ڪرڻ ۾ مصلحت نٿو سمجهين، تہ جيستائين توهان جي درميان کو اعتماد ۽ پروسي جوگهو عهدنامو ٿئي تيستائين کيس قيد ڪر، ٻيءَ صورت ۾ هيءَ بادشاهي تنهنجي مراد موجب [نہ] هلندي: منهنجي نصيحت هڏ ۽ تنهنجي سمجهہ جي تقاضا درست نہ آهي."

ڏهرسينه جو هاٿيءَ تي ويهي اروڙ جي قلعي ۾ اچڻ.

نيٺ ڏاهر وزير جي اها صلاح نہ هڏي، ۽ ڏهرسينه هاٿيءَ تي سوار ٿي، سندس محلات جي دروازي ٽائين آيو. ڏاهر پيادو سندس استقبال لاءِ ڊوڙيو، ۽ خدمت بجا آڻي چيائين تہ: "محلات ۾ اندر اچ." ڏهرسينه وراڻيو تہ: "لهندس

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڪين"، ۽ چيائين: "تون هاڻي ئي سوار ٿيءُ ته باهر هلون ۽ گهڙي ڪن ويهي هڪٻئي سان ڏک ۽ خوشيءَ جا حال اوريون، جيئن عام خاص ماڻهن کي معلوم ٿئي ته اسان جي وچ ۾ ٺهراءُ ٿي ويو، ۽ [هاڻي] مخالفت ۽ جهگڙو ڪونہ آهي، ۽ ڪوبہ دشمن يا چغل اسان جي وچ ۾ فساد اچي سگهي؛ هيءَ گهالهہ دنيا ۽ چوطرف پکڙجي وڃي، ۽ اسان جا سڀ دشمن سرنگون ۽ شرمندا ٿين، ۽ دوستن جي خوشي وڌي: مجلس ۽ ورونهن ڪرڻ کان پوءِ صحيح سلامت [٦٥] پنهنجي جاءِ ڏانهن واپس ورج." ڏاهر سندس حڪم اڪين تي رکي، فرمان بجا آندو. هوڏانهن هڏيمن وزير افسوس ڪندو ۽ هن ٺڳيءَ جي نتيجي کان متفڪر ٿيندو رهيو.

ڏهرسينہ پيلبان کي حڪم ڪيو تہ: هاڻي اڳيان آڻ تہ ڏاهر ويهي. ڏاهر هاڻيءَ تي پيلهہ چڙهي ويٺو. [پيلبان] هاڻيءَ کي هڪليو ۽ ٻيئي روانا ٿيا. هڏيمن وزير گهوڙي تي چڙهي سندس پاسي سان وڃي رهيو هو، نيٺ وڃي دروازي کي قريب ٿيو. [اتي] ڏاهر پشيمان ٿيو ۽ ڏنو. هڏيمن وزير ڏانهن منهن ڪري چيائين تہ: "[هاڻي] اسان لاءِ ڪهڙي صلاح آهي؟ـ چاڪاڻ تہ اسان کي باهر وڃڻ جگو ڏسڻ ۾ نٿو اچي؟" وزير ورندي ڏني تہ: "راءِ کي سراءِ ۾ چڏيئي[1] (؛)ـ يعني، گڏهہ قسطنطنيہ ۾ وڃايو اٿيني ۽ گولي ڪنوج ۾ رهيو آهين." چيائين تہ: "آخر

---

(١) يعني صلاح کي گهر کان نڪرڻ وقت چڏي ڏنئي. (مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ٻڌاءِ تہ [هن وقت] مـون لاءِ ڪهڙو حيلو آهي؟ـ چاڪاڻ تہ وڃڻ تي دل باور ٿئي ڪري." چيائين تـہ: "هن ڪان سواءِ ٻي ڪا صلاح ڪانہ آهـي تـہ جڏهين دروازي وٽ پهچين تہ دروازي جي سَردي (۱) ۾ چنبڙي، تيستائين هاڻيءَ ڪان مٿي لڙڪي پئج، جيستائين هاڻي ٻاهر نڪري وڃي. اسين پوءِ دروازو بند ڪري تـوڪي هيٺ لاهينداسين." ڈاهـر ڪي هيءَ صلاح پسند آئي. جڏهن دروازي وٽ آيو، ۽ هاڻيءَ جو اڳيون اڌ ٻاهر نڪري ويو تڏهن ڈاهر دروازي جـي سردي ۾ چنبڙي پيو ۽ پاڻ ڪي هاڻيءَ ڪـان ڌار ڪيائين. هاڻيءَ جي ٻاهر نڪري وڃڻ ڪـان پوءِ ٻڌيمن ڪوٽ جـو دروازو بند ڪري، ڈاهر ڪـي آهستي آهستي هيٺ لاٿو. [ٻاهر نڪري] ڈهرسينہ جڏهن پلٽي نهاريو ۽ ڈاهر کي نـہ ڏٺائين، ٻاڪ قلعي جو دروازو پـڻ بند ڏٺائين، تـڏهن ڏاڍو ڏک ٿيس، ۽ بيمار ٿي موٽي اچي ڪٽمب ۾ پـهتو. هڪدم هاڻيءَ تان لهڻ سان [٦٦] [مٽس] گرميءَ اڻـر ڪيو، ۽ ٻئي ڏينهن سندس بدن تي ڦوڪٽا ٿي پياءِ آخر چوٿين ڏينهن سري ويو، ۽ پنهنجو پيارو ساهہ برباد ڪري، ملڪالموت جي حوالي ڪيائين، ۽ لشڪر ڳٽتيون ڪائڻ لڳو.

ڈاهر کي ڈهرسينہ جي موت جي خبر پوڻ.

ڈاهر کي جڏهن هن واقعي جي خبر پهتي. تڏهن پنهنجي

---

(۱) اصل متن ۾ آهي "دست در پيشاني درزن" اسان جي خيال ۾ پيشانيءَ مان مـراد دروازي جي مٿين چانڊ يا سَردرو آهي.
(مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

پاڻ جي ساڻ ۽ دفن ڪرڻ لاءِ ٻاهر وڃڻ چاهيائين، [جنهن تي] هڏين وزير چيو تہ: "راجا سلامت رهي شال! تکڙ ڪرڻ نہ گهرجي. راجائون هن قسم جا مڪر ڪندا آهن. پاڻ کي مرده بنائيندا آهن. تون جڏهن سمندس دفن ڪرڻ لاءِ ويندين، تڏهن ٽهڪي ڪندو، ۽ تون مصيبت ۾ گرفتار ٿيندين. [تنهنڪري] ويچار ڪرڻ گهرجي، [چاڪاڻ] تہ پوءِ افسوس ۽ ارمان فائدو نہ ڏيندو." مثال ڏيندا آهن تہ جڏهن لوهڙ بڪ کان ٽڪجي پوندو آهي، تڏهن پاڻ کي مثل ظاهر ڪندو آهي، جنهنڪري ديونديڙ کائيندڙ [پڪي] سمندس چوڌاري اچي گڏ ٿيندا آهن، اڃي اوچتو ٽپ ڏيئي، انهن کي جهلي کائيندو آهي. بادشاهہ کي دشمن کان بيپرواهہ نہ ٿيڻ گهرجي. ڪنهن اعتماد جوگهي ماڻهوءَ کي سمندس پڇا ۽ جاچ لاءِ موڪليو تہ اهو راز کلي پوي." انهيءَ جاسوس هن جي مڪيہ ۽ وڏن ماڻهن کي غمگين، ۽ عزاداريءَ جي رسمن ۾ رڌل ڏٺو [سو] اڪٿي وڏي چيائين: "مون کي راجا ڏاهر ڏهرسينہ جي ويجهہ لاءِ موڪليو آهي، ۽ توهان کي غمگين ڏسان ٿو: [ٻڌايو] ڇا خبر آهي؟" انهن عزت وارن مان ٻہ ماڻهو اٿيا، ۽ ڏسڻ لاءِ ڪيس ڏهرسينہ جي مٿان وڃي ويا. [هن ڪ ڪري] تعزيت بجا آندي. [پوءِ] هن خبر جي تصديق لاءِ ڏهرسينہ جي سنڊي انهيءَ قاصد کي ڏٻي، هڪدم واپس ڪيائون [٦٧].

قاصد جڏهن اهڙا خبر ڏاهر کي پهچائي، ۽ سنڊي سمندس حوالي ڪئي، تڏهن ڪنهن بہ سوچ ۽ دير کان سواءِ پنهنجن سڀني معتبرن ۽ وڏن ماڻهن سميت هڪدم ٻاهر نڪتو،

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۽ مهراڻ ندي ٽپي، ڪٽمپ ۾ وڃي، پاڻ جي تنبوءَ ۾ داخل ٿيو. ڪيس ڏسڻ شرط ڪپڙا ڦاڙي، پگڙي مٿي تان لاهي، روئڻ پٽڻ ۽ روج راڙو شروع ڪيائين.

ڏهرسينه کي سڙڻ.

پوءِ صندل جي ڪائين ڪڏ ڪرڻ جو حڪم ڪيائين، ۽ ڏهرسينه کي ساڙي، تعزيت جون رسمون بجا آندائين. ٻئي ڏينهن پاڻ جو خزانو کڻي، سندس لشکر ۽ نوڪرن کي پنهنجي بيعت ۽ حڪم هيٺ آندائين، ۽ هڪ مهيني تائين اروڙ ۾ ترسي سندس زال، جا لوهاڻي جي [حاڪم] اڳهم (۱) جي ڏيءُ هئي، تنهن کي پنهنجي نڪاح ۾ آندائين. [پوءِ] برهمنا آباد جي قلعي ۾ ويو ۽ وڃي اتي رهيو. راجا ڏهرسينه جي عمر ٽيهه سال هئي (۲).

---

(۱) اصل عبارت "دختر اڳهم لوهانه" آهي. "اڳهم لوهانه" ۾ ترڪيب سمايل آهي يعني "لوهاڻي جو اڳهم" جنهن جون ٻ معنائون ٿي سگهن ٿيون: لوهاڻي جو پٽ اڳهم يا لوهاڻي جو حاڪم اڳهم. من کان اڳ (متن صفحه ۴۰-۴۱) جي تاريخي تسلسل جي لحاظ سان پوئين معنيٰ کي ترجيح ڏني وئي آهي. (ن-ب) (۲) فارسي ايڊيشن ۾ اختيار ڪيل پڙهڻي "ملک ڏهرسينه سي سال بود" آهي جنهن جو ترجمو ٿيندو ڏهرسينه جي بادشاهي ٽيهه سال هئي" اهو صحيح نه ٿيندو، چاڪاڻ ته هي واقعو چندر جي مرڻ کان يڪدم پوءِ جو آهي. ترجمي جو مدار نسخي پ جي پڙهڻي (ملک ڏهرسينه سي سال بود) تي آهي جا زياده قرين قياس آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڏاهر جو برهمناباد جي قلعي ڏانهن وڃڻ

ڏاهر برهمناباد جي قلعي ۾ هڪ سال رهيو، جيستائين ملڪ جي اومي پاسي جي سڀني ماڻهن سندس فرمانبرداري قبول ڪئي. ڏاهر، ڏهرسينه جي پٽ چچ کي گهرائي، کانئس بيعت ورتي، پاڻ سيوستان جي قلعي ڏانهن روانو ٿيو، ۽ اتان وري راوڙ جي قلعي ۾ آيو. انهيءَ قلعي جو بنياد سندس پيءُ چچ رکيو هو، ۽ ان جي پوري ٽهڻ کان اڳ مري ويو هو. ڏاهر اتي ترسي ان کي اڏائي پورو ڪيو (۱). هو گرميءَ جا چار مهينا [۶۸] راوڙ ۾ ترسندو هو، چاڪاڻ ته هوءَ وٽندڙ جڳهه هئي، ۽ سندس هوا موافق ۽ پاڻي خوشگوار هو. سياري جا چار مهينا برهمناباد ۾ گذارينڊو هو، ۽ بهار جا چار مهينا اروڙ ۾ رهندو هو. اهڙيءَ طرح اٺ سال گذاريائين ۽ سندس بادشاهيءَ [جي هاڪ ۽ ڌاڪ] انهيءَ حد کي پهتي، جو سندس شهنشاهيءَ جي تعريف دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙجي وئي، ۽ سندس حڪومت جي تنبوءَ جون طنابون سنڌ ۽ هندستان جي ملڪن ۾ مضبوط ٿيون، ۽ چڻي طرفن جي بادشاهن [کي عموماً] ۽ رمل جي راجا کي [خصوصاً] سندس مال ۽ هاٿين جي [حقيقت] معلوم ٿي.

---

(۱) مصنف مٿي صفحه ۵۴ ۾ چئي آيو آهي ته راوڙ جي قلعي کي ڏهرسينه پورو ڪرايو. وري هتي چوي ٿو ته ڏهرسينه جي مرڻ کان پوءِ انهيءَ ساڳئي قلعي کي ڏاهر پورو ڪرايو. شايد ائين هجي ته ڏاهر انهي قلعي ۾ ٽيرڪار ڪرائي هجي يا کا اهڙي تڪميل ڪرائي هجي، جنهن کي ڏهرسينه غير ضروري سمجهي ڇڏي ڏنو هجي. (مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

رمل جي بادشاهه جو راجا ڏاهر جي جنگ تي اچڻ.

هوء رمل جو بادشاهه وڏو ڪٽڪ، بست هاٿي ۽ سوار خواه پيادا ۽ دلير بهادر وٺي لڙائي واسطي روانو ٿيو، ۽ ٻڌيه جي طرف کان اروڙ (۱) جي پسگردائيءَ ۾ پهتو، ۽ سندس ڪيترا علائقا قبضي ۾ آڻي، انان درياهه ٽپي اروڙ تي ڪاهيائين. جڏهن رمل جي بادشاهه جي خبر ڏاهر کي پهتي، تڏهن ٻڌيمن وزير کي سڏي چيائين تہ: "زبردست دشمن اسان جي ملڪ جي حدن ۾ آيو آهي، اسان کي ٻڌاء [تہ ڇا ڪريون؟]" ٻڌيمن وزير چيو: "راجا سلامت رهي! جيڪڏهن لڙائي ۽ جنگ ۾ سندس مقابلو قوّت ۽ دٻدٻي سان ڪري سگهين ٿو تہ لڙائيءَ جي تياري ڪري، سندس سامهون ٿيءُ ۽ پنهنجي عزت ۽ ننگ خاطر ترار هڻي، دشمن کي دفع ڪر، [تہ تنهنجو] ملڪ تو وٽ سلامت رهندو، نہ تہ صلح ۽ موافقت سان سندس بيعت ڪرڻ گهرجي، ۽ جيڪڏهن مال ڏيڻو پوي تہ راجائون خزانا ۽ دفينا هن وقت [٦٩] لاء گڏ ڪري دفن ڪندا آهن، انهي لاء [تہ غنيم جي چڙهي اچڻ وقت] مال جي مدد سان لشڪر قائم ڪري، لشڪر جي ذريعي دشمن سان سامهون ٿي، ملڪ خاطر، ناڻءُ نيڪي سان جان قربان ڪن؛ ٻيءَ صورت ۾ مال خرچ ڪري، دشمن کي دفع ڪن: ڇاڪاڻ تہ مال جي ڪري سرد جو هرڪو دنيوي ڪاروبار سر سبز رهي ٿو؛

---

(۱) فارسي ايڊيشن ۾ هن جاء تي "راوُر" يعني راوڙ آهي. جو هيٺ ايندڙ تسلسل جي لحاظ کان صحيح نہ آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۽ هر دشمن کي ان جي ذريعي دفع ڪري سگھجي ٿو، آخرت جو سامان پڻ انهيءَ جي مدد سان ٺاهي سگھجي ٿو." ڏاهر چيو تہ: "منهنجي نزديڪ ٻئي جي خدمت ۾ ذلت جي نموني سر جھڪائڻ کان موت پيارو آهي، ۽ هيءَ ذلت آءٌ ڪيئن ڪئي سگھندس؟"

محمد علافي عرب جو رمل جي بادشاهہ جي جنگ تي وڃڻ.

بَنِي سامہ سان هڪ علافي عرب سرد [سنڌ ۾ رهندو هو] جنهن عبدالرحمان بن اَشْعَثَ کي جنگ مان ڀڄي وڃڻ سبب قتل ڪيو هو، ۽ ڀڄي اچي ڏاهر سان مليو هو ۽ پنج سؤ عربن سان سندس بيعت ڪئي هئائين. ٻڌيمن وزير چيو تہ: "جنگ جو طريقو جھڙو عرب جائن ٿا، اهڙو ڪو ڪونہ جائي. تنهنڪري علافي کي گھرايو ۽ صلاح طور کانئس پڇا ڪريو تہ [هن معاملي ۾] هو رهبري ڪري." ڏاهر هائيءَ تي چڙهي هن وٽ ويو ۽ وڃي چيائينس: "اي عرب جا سردار! تو سان رعايتون ٿو ڪريان ۽ توکي پيارو ٿو ڄاڻيان، انهيءَ لاءِ تہ هڻي وقت ۾ تون اسان جي مدد ڪرين. هن وقت هڪ زبردست دشمن ظاهر ٿيو آهي. تُنهنجو صحيح عقل ڪهڙي تقاضا ٿو ڪري؟ اسان کي ٻڌاءِ، ۽ تون جيڪي چاڻين ٿو يا ڪري سگھين ٿو سو چؤ." علافيءَ چيو: "راجا کي هن گھالهہ بابت تسلي ڪرڻ گھرجي، ۽ ڪوبہ فڪر [۷۰] پنهنجي دل ۾ نہ آڻڻ گھرجي، چاڪاڻ تہ منهنجي موزون تدبير

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

انهن لاء کافي آهي. پنهنجي لشکر جي "قلب" جا خاص چونڊيل سوار منهنجي حوالي کر. [پهريائين] تہ مان هڪ دفعي سندن چوڏاري چکر لڳائي، سندن دوراندیشيءَ ۽ همت جو طريقو معلوم کري ٿو وٺان، [هوڏانهن] تون ڏهن ميلن پنڌ تي کاهي هڏي تيار ٿي بيهه." ڏاهر کي اها مصلحت پسند آئي، ۽ پاڻ اتي ترسي پيو. علافي جاسوسيءَ طور سندن چوڏاري چکر لڳائي، معلوم کيو تہ رات جي وقت بالکل بيپرواهہ رهن ٿا، کنهن بہ قسم جو ڊپ کونہ اٿن، ۽ نہ وري کو چوکي ۽ پهري جو انتظام اٿن. علافي پنج سؤ عرب ۽ هندستاني بهادر ساڻ وٺي، مٿن شبخون (راتاهو) هنيو ۽ چٹني طرفن کان ڦرا هڏي، رمل جي راڻي جي لشکر ۾ کاهي پيا، جنهنکري انهن ۾ گوڙ ۽ پريشاني اچي پئي ۽ هو هکٻئي کي کهڻ لڳا. انهن مان کسي ويلن کان سواءِ بہ اسي هزار جنگي جوان ۽ پنجاهہ هاڻي پکڙيا ويا. [تنهن کان سواءِ ايترا تہ] بي انداز هٿيار ۽ گهوڙا هٿ آيا، جي ڳاڻاٽي کان باهر هئا. ڏينهن ٿيو تہ [ڏاهر] قيدين کي گهرائي، کين کهڻ جو ارادو کيو، [پر] وزير چيو تہ "الله تعالي توکي فتح عطا ڪئي آهن، تنهن جو احسان سج ۽ شڪر بجا آڻ. [هيءَ] پڻ لازم آهي تہ جڏهن بادشاهن ۽ بزرگن کي فتح حاصل ٿئي، ۽ دشمن جي طرف جا مڪيہ ماڻهو ۽ اڳواڻ سندن هٿان گرفتار ٿين، تڏهن کين معافي ڏين؛ سو تنهنجي لاءِ بہ چگي صلاح اها آهي تہ قيدين جي جان بخشي فرمائي، کين آزاد کر." انهيءَ صلاح تي لڳي راجا ڏاهر قيدين کي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

آزاد ڪيو، ۽ سندس صلاح مبارڪ سمجهي فرمايائين: "اي سهڻي صلاح ڏيندڙ وزير ۽ مبارڪ مُشير! جيڪي گهرٽو هجيئي سو مون کان گهر." وزير عرض ڪيو: "مون کي اولاد [٧١] ڪونہ آهي، جنهن کان منهنجو نالو دنيا ۾ زندهہ رهي. تون حڪم ڪر تہ تنهنجي شاهي ضربخاني ۾ جيڪي چاندي۽ جا سِڪا تيار ٿين ٿا، ۽ شاهہ جي نالي جو شرف حاصل ڪن ٿا، انهن جي ٻئي طرف تي بندڻي جو نالو اکيريو وڃي، جيئن راجا جي چاندي۽ جي سڪن جي طفيل بندي جو نالو باقي رهي، ۽ هند سنڌ جي حڪومت ختم ٿيڻ تائين قائم هجي، ۽ ان جي ياد نہ ميٽجي." راجا ڏاهر جي حڪم سان [سِڪو] جيئن وزير عرض ڪيو هو تيئن، تيار ڪيائون.

اهڙي۽ طرح راجا ڏاهر جا پير ڪپي وڃڻ ۽ [ايڏي تہ] وڏي طاقت ۽ شان شوڪت حاصل ڪيائين، جو دارالخلافہ جو مال ڦري سرڪشي ۽ بيپرواهي ڏيکاريائين.

خلفاء راشدين کان وليد تائين تاريخ.

هنن خبرن جي راوين ۽ هنن روايتن جي جانچ، هن طرح بيان ڪيو آهي تہ هند ۽ سنڌ جي شهرن تي اسلام جي لشکر جي پهرين لڙائي رسول الله صلي الله عليہ وسلم جي هجرت کان پندرهن ورهيہ پوءِ، اميرالمؤمنين حضرت عمر رضي الله عنہ جي خلافت ۾ واقع ٿي. [حضرت عمر] پهريائين عثمان بن آبي العاص ثقفي کي بحرين موڪليو.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هو لشڪر ولي عمان روانو ٿيو، ۽ جنگي ٻيڙا درياءَ جي رستي مقرر فرمائي، مُغيرَه بن ابي العاص جي سرداريءَ هيٺ بحرين موڪليائين، انهيءَ لاءِ هو انهيءَ رستي کان ديبل روانا ٿيا. انهيءَ وقت سنڌ جو راجا چچ بن سيلائچ هو، ۽ سندس حڪومت کي ۴۵ سال گذري چڪا هئا. ديبل جا رهاڪو واپاري ماڻهو هئا. [۷۳] راجا چچ جي طرفان سامہ بن ديوائچ نالي [اتي] حاڪم هو. لشڪر جڏهن ديبل پهتو تہ هن قلعي کان ٻاهر نڪري، لڙائي شروع ڪئي. ثقفيءَ ماڻهوءَ کالهہ ٿي ڪئي تہ جڏهن ٻيئي لشڪر هڪٻئي جي سامهون ٿيا، تڏهن مغيره بن ابي العاص قرار ڪيو ۽ بِسْمِ اللّٰهِ وَفِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ (اللّٰه جي نالي سان ۽ اللّٰه جي واٽ ۾) چوندو شهيد ٿيو. ڪانئس پڇيو ويو تہ تو جنگ ٿي ڪئي، توکي اها خبر ڪيئن پئي؟ وراڻيائين تہ هتن سان جنگ ٿي ڪيم ۽ دل ۾ ڪنن سان هيءَ احوال ٿي ٻڌم.

(۽ پڻ) حضرت عمر بن الخطاب رضي اللّٰه تعالي عنہ جي خلافت ۾ حضرت ابو موسيٰ آشعَيرَيؓ رضي اللّٰه عنہ عراق تي عامل مقرر ٿيو هو، جنهن ربيع بن زياد حارثي کي پنهنجن ماڻهن سان ڪران ۽ ڪرمان تي مقرر ڪيو. ايتري ۾ دارالخلافہ مان ابو موسيٰ اشعري ڏانهن لکيائون تہ هند، ڪرمان ۽ عراق جي خبر ڏي. جڏهن ابو العاص جي پٽ جو حال معلوم ٿيو، ۽ [اهو به معلوم ٿيو] تہ هند ۽ سنڌ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ہر هڪ اهڙو راجا پيدا ٿيو آهي، جو سرڪشي ۽ بيپرواهي ڪري ٿو، ۽ دل ۾ بيفرماني جو ڇڄ پوکيو اٿس، تہ ابو موسيٰ اشعري اهو احوال امير المؤمنين عمر رضي الله عنہ ڏانهن لکي [ڪيس] واقف ڪيو. [پاڻ] ڪيس هند جي لڙائيءَ کان سخت منع ڪيائون.

(۽ پڻ) انهيءَ وقت [حضرت] عمر بن الخطاب رضي الله عنہ جي شهادت جو واقعو ٿي ٻڌو، ۽ خلافت امير المؤمنين عثمان بن عفان رضي الله عنہ کي ملي، جنهن هند ۽ سنڌ جي لڙائي تي لشکر موڪلڻ گهربو. [انهيءَ وقت] لشکر قَنْدابيل ۽ مڪران ۾ هو، [۷۲] ۽ لشکر جو سردار عبدالله بن عامر [بن کُرَيز] بن رَبيعہ مقرر ٿيل هو. [آخر حضرت عثمان ٻهربائين] سنڌ جي شهرن جو [ڪجهہ] احوال معلوم ڪرڻ گهربو، تنهنڪري [حڪم ڪيائين] تہ: ڪو صالح، پاڪدامن ۽ عقلمند ماڻهو مقرر ڪر تہ هو سنڌ ۽ هند جو پورو احوال سچو ۽ تجربي هيٺ آيل معلوم ڪري، ڪولي ڪولي اچي ٻڌائي. انهيءَ تي عبدالله بن عامر، حُڪَيم^ بن جَبَلَہ^ عَبْدِيءَ کي موڪليو. (روايت)— عبدالله بن عمر بن عبدالقيس کان روايت ڪن ٿا تہ حُڪَيم^ ڳالهائيندڙ ماڻهو هو، ۽ نظم ۽ شعر جي فن ۾ ڪامل هو، جيئن تہ هڪ جاهل ماڻهو عَلِي بن طُفَيْل غَنَوِي جي مدح ۾ چيو اٿس:

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

شعر

وَ اَهْلُكْتُبِيْ لَكُمْ فِيْ كُلِّ يَوْمٍ
تَعَوَّجُكُمْ عَلَيَّ وَ اَسْتَقِيْمُ
رِقَابٌ كَالْمَوَاجِنِ خَاظِيَاتٌ
وَ اَسْتَاهٌ عَلَي الْاَكْوَارِ كُوْمُ

[ڪيو برباد مون ڪي سڀڪنهن ڏينهن،
توهان جي ڏنگ جڏ آهيان سدو مان.
توهان جا ڪنڌ ٽلها هن (آهن) مطرقن جئن،
۽ پولهيون پاڪڙن تي ڏير وانگيان.]

(۴) [حضرت] علي بن ابي طالب رضي الله عنه جي بصره
۾ اچڻ وقت سندس تعريف ۾ چيائين:

شعر

لَيْسَ الرَّزِيَّةُ بِالدِّيْنَارِ تَفْقِدُهُ
اِنَّ الرَّزِيَّةَ فَقْدُ الْعِلْمِ وَ الْحِكَمِ [۷۴]
وَ اِنَّ اَشْرَفَ مَنْ اَوْدَي الزَّمَانُ بِهِ
اَهْلُ الْعَفَافِ وَ اَهْلُ الْجُوْدِ وَ الْكَرَمِ

[مصيبت نه ساهه وجائڻ ڏوکڙن جو،
مصيبت ته، ويو جي علم و حڪمت،

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مـــرڻ وارن سڀني ۾ سوڀي افضل،
هجي جو صاحبِ احسان و عفت.]

(۽) هن روايت جي ڪن راوين ۽ هـن داستان جي ڪن لـکندڙن بيان ڪيو آهي تہ اميرالمؤمنين عثمان بـن عفان رضي الله عنہ عبدالله بن عامر کـي لکيو آهي تہ حُڪَيم بن جَبَلہ کي سنڌ ۽ هند ڏانهن موڪلي، ملڪ جـــي حالات معلوم ڪري. تنهنڪري عبدالله کيس مقرر ڪيو. جڏهن حالات سمجهي ڪان پوءِ عبدالله بن عامر وٽ واپس آيو، ۽ اچي انهي ملڪ جي رهاڪن جي حملي، لڙائي ۽ سزائن جا حالات کيس تفصيل سان ٻڌايائين تہ عبدالله هن کي اميرالمؤمنين عثمان بن عفان رضي الله عنہ ڏانهن موڪليو، ۽ جڏهن هو خدمت ۾ حاضر ٿيو تہ امير کانئس پڇيو تہ: اي حڪيم! هندستان ڏسي آئين؟ـ حالتون معلوم ڪري آئين؟ جواب ڏنائين: نَعَمْ يَا اَمِيْرَالْمُؤْمِنِيْنَ (هـــائـو اي اميرالمؤمنين). چيائين: بيان ڪر. چيائين: مَاءُهَاوَشَلٌ وَثَمَرُهَادَقَلٌ وَاَرْضُهَاجَبَلٌ وَاَهْلُهَابَطَلٌ اِنْ قَلَّ الْجَيْشُ بِهَاضَاعُوْا وَ اِنْ كَثُرَ وْا جَاعُوْا۔ يعني آتي جو پاڻي ميرو آهي، ميوو نيڙ ڪهڙ ونندڙ ڪنو آهي، زمين پٿريلي آهي، ۽ [٧٥] منڌي ڪراڻي آهـي، ۽ رهـاڪو بهادر آهن؛ جيڪڏهن ٿورو لشڪر ويندو تہ جلدي تباهہ ٿيندو، ۽ جيڪڏهن گهڻو ويندو تہ بـک مري پاهہ ٿيندو." پـوءِ اميرالمؤمنين عثمان بن عفان رضي الله عنہ پڇيو تہ: "انجام ۽

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

اقرار ۾ ڪيئن آهن؟ـ وفادار آهن يا بيوفا؟" حڪيمُ چيو تہ: "خيانت ڪندڙ ۽ غدار آهن." انهيءَ تي عبدالله کي سڏ ڏانهن لشکر موڪلڻ کان منع ڪري، کوڙ ماڻهو نہ موڪلياڻون.

امير المؤمنين علي بن ابي طالب رضي الله عنہ جي خلافت.

امير المؤمنين علي بن ابي طالب رضي الله عنہ کي خلافت سنہ ٣٨ هـ جي آخر ۾ ملي. وقت جي بيان ڪندڙن ۽ بيان جي سلجهائيندڙن جو چوڻ آهي تہ: جڏهن خلافت امير المؤمنين علي رضي الله عنہ کي پهتي، تڏهن شهر وارن جو ٻاڻ ۾ جهيڙو ۽ مخالفت ٿي پيئي. عامر ابن الحارث بن عبدالقيس^ روايت ڪئي آهي تہ: جڏهن آسپاس جا ماڻهو مخالف ٿي پيا، تڏهن [حضرت علي ؑ] ثاغر بن ذعر (١) کي لشکر جو سردار بنائي، هندستان جي سرحد تي مقرر ڪري، لشکر جي مکيہ وڏن اڳواڻن جي هڪ جماعت سندس ڪمان هيٺ رکي، ۽ هو سنہ ٣٨ هـ جي آخر ۾ بَهْرَج ۽ ڪوهہ پايہ جي رستي کان روانا ٿيا. جتي بہ پهتا ٿي [٧٦] تہ انهي فتحمند ۽ ڪامياب رهيا ٿي، ۽ غنيمتون ۽ غلام گهٽائي هٿ آيون ٿي. نيٺ ڪيڪانان جبل وٽ پهتا ۽ اهي ماڻهو جنگ لاءِ سنبري بيٺا.

---

(١) اصل عبارت: تاعر بن دعر. اصلاح، عربي اعلام کي مدنظر رکي ڪئي وئي آهي. (نسب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هنن جي جنگ جي خبر

هڪڙي گالهه آهي ته: انهيءَ لشکر ۾ حارث بن سَرَمَة نالي هڪ بهادر مرد هو، جنهن جي ٽولي ۾ هڪ هزار هٿيار بند بهادر هٿ ۽ ٽي دلير ۽ هٿيار بند غلام هوندا هئس: هڪ کي پنهنجو هٿيار بردار مقرر کيائين، باقي بن کي لشکر جو محافظ بنائي، هرهڪ کي پنج سؤ ماڻهن جو سردار کيائين. هو مڪران ۾ پهتو تہ اها خبر وڃي کيکانان ۾ پهتي، جنهن تي کوهہ پايو ۽ کيکانان جا ماڻهو جمع ٿيا. [هو] سنہ ۴۲ هـ ۾ کيکانان ۾ پهتا، ۽ اتي جي ماڻهن لڙائي لاءِ تيار ٿي لڙائي شروع ڪئي، ۽ اتکل ويهہ هزار مرد پيادا اچي گڏ ٿيا، جن سان اسلام جي لشکر جي لڙائي ٿي. هنن ٻيو کو چارو نہ ڏسي وڃي گهٽ جهليو. لشکر جڏهن جهاد کان موڪلي اچي کيکانان لڪ وٽ لنو، تڏهن هن رستو روکڻ چاهيو. [اهو حال ڏسي] عرب جي لشکر تکبير جو نعرہ هنيو، جنهن تي کاهي ۽ ساڃي کان جبلن مان پڻ تکبير جو نعرہ لڳو: "الله اکبر". هي ٻڌي، کيکانان جي کافرن جي دلين ۾ هراس پيدا ٿيو، جنهنکري کن پيش پئي اسلام قبول کيو، ۽ ٻيا ڀڄي ويا. انهيءَ وقت کان اڄ تائين جنگ جي موسم جي ڏينهن ۾ انهيءَ جبل سان تکبير جو آواز ٻڌندو آهي. [اڃا] انهيءَ فتح ۾ هنا ته [۷۷] امیرالمؤمنین علي بن ابي طالب رضي الله عنہ جي شهادت جي خبر پهتي،

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

[جنهنکري] اتان موٽي آيا. مڪران پهچڻ تي معلوم ٿين تہ معاويہ بن آبي‌سفيان خليفو ٿيو آهي.

مُعَاوِيَہ بن آبي سُفْيَانَ جي خلافت.

مُعاويہ بن آبي سُفْيَانَ جي خلافت. [هجري] چاليهين سال (۱) وارن مهينن ۾ قائم ٿي. تاريخ جي مصنفن، مُهَلَّبَ کان هن طرح روايت ڪئي آهي، ۽ هن هُذَلي کان ٻڌو ۽ هذلي قاسم کان نقل ڪيو، جنهن چيو تہ: مان نَصْر بن سُفْيَانَ کان ٻڌو آهي تہ جڏهن مُعَاويہ خلافت تي مستقيم ٿيو، تڏهن عبدالله بن سوّار [العَنْدِي] کي چار هزار سوار ڏيئي، سنڌ ولايت تي مقرر ڪري، انهيءَ ملڪ جي حڪومت سندس حوالي ڪيائين: وڌيڪ چيائينس تہ: "سنڌ ۾ هڪ جبل آهي، جنهن کي ڪيڪانان چون ٿا، اتي جا گهوڙا قداور ۽ موزون شڪل شباهت وارا آهن؛ توکان اڳ ۾ اتي جون غنيمتون پهتل آهن: [انڪين ۾ چيائينس تہ] ماڻهو غدار آهن، جيڪي انهيءَ جبل جي پناهہ سبب سرڪشي ۽ شوخي ڪندا رهندا آهن." عمر بن عبدالله بن عمر کي ارمابيل جي

---

(۱) اصل متن ۾ "ارڳ و اربعين" (چوٿيتاليهہ) جو شايد "اربعين" (چاليهہ) جي بدران پُل آهي. امير معاويہ سنہ ۴۰ هـ ۾ حضرت علي رضہ جي شهادت بعد ايلياء جي شهر ۾ خلافت جي بيعت ورتي. ڏسو تاريخ طبري سنہ ۴۰ هـ هيٺ. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

فتح واسطي موكليائين، ۽ عبدالله بن عامر کي بصره تي مقرر ڪيائين. جيڪو قيس بن هيثم السلمي (١) وٽ وڃي ساڻس عمان، آرمينيا ۽ جرم جي لڙائي ۾ شامل ٿئي (٢) ۽ اڪيلو هزار چونڊ ماڻهو وٺي وڃي.

(روايت:) ابوالحسن، مدائني کان روايت ڪئي آهي، ۽ هن مسلمه (٣) بن محارب بن زياد کان ٻڌو تہ: امير

---

(١) اصل ۾ "قيس بن هاشم السلمي": هيءُ صحيح آهي ۽ نہ هاشم- ڏسو يعقوبي ج ٢ ص ١٩٣؛ ديوان فرزدق طبع پئرس ص ١١٩، طبع مصر ص ٧٦١ ۽ ٧٧٦؛ تاريخ ابن خلدون. بقية جزءُ ثاني ص ص ٣٣-٣٤؛ نقائض جرير و فرزدق ص ص ٧٢٣، ٧٢٦ ۽ ٧٣٨، بخاري: کبير ج ۴ ص ١٤٥. (ن-ب) (٢) اصل فارسي ايڊيشن جي عبارت: "وبا او بغزو عمان و اردبيل و جرم وکند": ظاهراً هن عبارت ۾ خلل آهي. **پ ن پ س** ۾ "جرم کند": آهي يعني هنن بن لفظن جي وچ وارو عطف ڪونهي ۽ غالباً اتي ڪو ٻيو لفظ ڇڏيل آهي ۽ اسان جي خيال ۾ "شرکت" ئي، اهو موزون لفظ آهي. انهيءَ لحاظ سان غالباً صحيح عبارت هن طرح ٿيندي: "بـا او بغزو و عـمان و ارد بيل و جرم شرکت کند". ترجمو ٻ انهيءَ لحاظ سان ڪيو ويو آهي. (ن-ب)

(٣) اصل عبارت ۾ "مسلم" آهي، جو صحيح نہ آهي. مسلمه بن محارب مشهور راوي آهي- ڏسو بلاذري: انساب الاشراف ج ۴ ص ص ٧٣ ۽ ٨١؛ نقائض جرير و فرزدق ص ص ٧٢٦، ٧٣٠ ۽ ٧٣۴؛ جاحظ: البيان ج ٢ ص ٢٠٩؛ ۽ بخاري: تاريخ کبير ج ۴ ص ص ٣٧٩ ۽ ٣٨٧. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

معاويه، عبدالله بن سوّار کي چار هزار سوار سان ڏيئي موکليو، ۽ سندس لشکر ۾ کوبه ماڻهو باهه نه ٻاريندو هو، جاکاڻ ته ٿهيل ٿکيل سمر سان [٧٨] هونّ. آخر هڪ رات اوچتو لشکر ۾ باهه جو شعاع ظاهر ٿيو. جاچ ڪي معلوم ٿيو ته هڪ حامله عورت هئي، جنهن ٻار ڄڻيو هو. کيس باهه جي ضرورت هئي. [اهڙا گاله ٻڌي] عبدالله کيس اجازت ڏني. انهيءَ زال ڏاڍيون خوشيون ڪيون ۽ ڪي ڏينهن لشکر کي کاڏو کارايائين. ٻوءِ جڏهن ڪيڪانان جي ملڪ ۾ پهتا، تڏهن دشمن غلبو ڪيو، ۽ اسلام جي لشکر انهن کي شڪست ڏيئي، ڏهيون غنيمتون هٿ ڪيون. ڪيڪانين گڏ ٿي وڃي جبل جا گهٽ جهليا، ۽ چتي جنگ چالو ٿي. اتي عبدالله بن سوّار هٿيار بردار ۽ خاص ماڻهن جي هڪ ٽولي سان بهي رهيو، ۽ هڪل ڪيائين تہ: اي مهاجرين ۽ انصارن جا فرزندو! ڪافرن کان منهن نہ موڙيو متان توهان جي ايمان ۾ خلل اچي؛ شهادت جو درجو حاصل ڪريو. [هي ٻڌي] اسلام جو لشکر عبدالله جي جهنڊي جي چوڌاري اچي گڏ ٿيو. بني عَبْدِالقَيْس مان هڪ مرد ٻاهر نڪري مقابلي لاءِ للڪاريو، جنهن تي دشمن جو سردار اچي ساڻس سامهون ٿيو. يَاسِر بن سوّار ٻڌ بني عبدالقيس [واري ماڻهو] سان گڏ روانو ٿيو، ۽ حملو ڪري سردار کي ڌاهي وڌائون. [اتي] ڪيڪانين جو سمورو لشکر نڪري آيو. آخر اسلامي لشکر

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

شڪست کاڏي. سارو جبل مثل لشڪر سان پيرين ڏسڻ ۾ آيو. ٻوءِ مسلمان مڪران موڙي آيا.

(روايت) ابوالحسن روايت ڪئي تہ مون حاتم بن قتيبه الباهلي (١) کان ٻڌو، جنهن چيو تہ: مان انهيءَ ڏينهن لشڪر ۾ هوس؛ ڏٺم تہ ابن سوار هڪ جوان سان مقابلو ڪيو، ۽ سندس ساڻين حملو ڪري، ڪيترا دشمن قتل ڪيا ۽ ڪافي لڙائي کان پوءِ شهيد ٿيو. مون ڪنهن جا ٽپڙ ٽي لاٿا، [٧٩] سڀ منڊيون مهرن سوڌيون ملين. پوءِ عبدالله بن عبدالرحمان العبدي چيو تہ مون سندس جنگ جا شعر ٻڌا آهن جي امير معاويہ جي اڳيان ٽي چيائون.

شعر:

مَن كَانَ سَوَّارٌ إِنْ جَاشَتْ مَرَاجِلُهُ
فِي الْحَرْبِ لَا أَوْقَدَتْ نَارٌ لَهَا بَعْدَهُ
كَانَتْ مَرَاجِلُهُ لِلرِّزْقِ ضَامِنَةً
فَانْهَنَّ بَنَاتُ الْحَرْبِ وَالْجُودَهْ

[ابن سوار جو مٽ ڪونهي، اڇي ڪمس جي جوش جنگ ۾، شل ٻري ان کان پوءِ ڪا جنگ جي باهہ، ديگيون ان جون هيون رزق جون ضامن، بيشڪ جڏ هيون جنگ ۽ احسان جون نياڻيون واه واهہ!]

---

(١) اصل لفظ "البهلي" جو حقيقت ۾ "الباهلي" جي بگڙيل صورت آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۽ اَعَوْرشَنّيِ چيو تہ شعر:

اَبْلِغْ رَبِيْعَةَ اَعْلاَهَا وَ اَسْفَلَهَا
اِنّا وَجَدْنَا اِبْنَ سَوّارٍ كَسَوّارِ
لاَيُسْمِنُ الْخَيْلَ اِلاّ رَيْثَ يُمْهِلُهَا
وَمَا سِوَاهُ فَتَرْدَى طُوْلَ اَعْمَارِ

[چئج وڃي تون ربيعہ جي اعليٰ ۽ اسفل کي
تہ آھ بلاشڪ سوّار جھڙو ابن سوّار.
نڏو سڃاڻي ھو گھوڙا مگر کو وقت قليل،
پيو ڏکائي انھن کي و گر نہ ساري جمار.]

ھند جي سرحد تي سِنان بن سَلَمَہ بن المُحَبَّقِ الھُذَلِيّ جو ولي ٿيڻ.

ھن تاريخ جي سلجھائيندڙن ھُذَلِي ۽ عيسيٰ بن موسيٰ کان روايت ڪئي آھي، جنھن پنھنجي پيءُ کان روايت ڪئي تہ: عبدالله بن سَوّار شھيد ٿيڻ وقت [پنھنجي جاءِ تي] سِنان [٨٠] بن سَلَمَہ کي مقرر ڪيو. انھيءَ کان پوءِ امير معاويہ، زياد ڏانھن لکيو تہ: کو اھڙو ماڻھو جو ھند جي سرحد لاءِ موزون ھجي، ڏسي، اتي جو گورنر ٻڌائي. حڪم پھچڻ تي زياد ڏانھس لکي موڪليو تہ: "مون وٽ ھ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ماڻهو آهن، جيڪي انهن جي لياقت رکن ٿا:] احنف بن قيس [۽ سنان بن سلمه الهذلي"؛ جنهن تي امير معاويه هن] ڏانهن لکي موڪليو ته ["احنف کي سندس بن ڏينهن مان کهڙي ڏينهن جو] انعام ڏيون؟ ام المؤمنين [سان بيوفائي جو يا صفين واري ڏينهن اسان جي برخلاف کوشش کرڻ جو؟ تنهنکري سنان کي روانو کر." انهيءَ تي زياد هن ڏانهن لکي موڪليو ته احنف شرف، عقل ۽ سرداريءَ جي انهيءَ درجي تي پهچي چڪو آهي، جتي هن کي حڪومت فائدو نٿي ڏئي ۽ موقوفي نقصان نٿي رسائي] (١). پوءِ هو [سنان] مڪران وڃي ٻه سال اتي رهيو ۽ بن سالن هڪ مهيني کان پوءِ برطرف ڪيو ويو.

راشد بن عمرو الجديدي جو، هند جي سرحد تي والي ٿيڻ

ابوالحسن، هذلي کان ٻڌو ۽ انهي آسوڙ کان روايت ڪئي ته: زياد جڏهن [سنان] ابن سلمه کي موقوف ڪيو، تڏهن راشد بن عمرو کي هندستان ملڪ [جي سرحد] ڏانهن روانو ڪيائين ۽ کيس گورنر مقرر ڪيائين. راشد

(١) چورس ڏنگين ۾ ڏنل احوال ابن قتيبه جي ڪتاب عيون الاخبار (ج ١، ص ٢٢٧) تان درست ڪري ڏنو ويو آهي: فتحنامه جي اصل عبارت هن طرح آهي ۽ اها ظاهراً ناقص آهي: "زياد احنف بن قيس را فرمود که هر او سند است و مؤمنان است". (ن ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڪ شريف ماڻهو هو ۽ همت بلند هوندي هيس. امير معاويه هن کي سڏي تخت تي ويهاريو، ۽ گهڻي وقت تائين پاڻ ۾ صلاح ڪيائون. پوء [لشڪر جي] مکيه ماڻهن کي چيائين ته: راشد شريف ماڻهو ۽ اڳواڻ آهي: کيس خوش رکجو ۽ سندس فرمانبرداري ڪجو: لڙائي ۾ سندس مدد ڪجو ۽ کيس اڪيلو نه ڇڏجو. راشد مڪران ۾ پهچڻ سان عرب جي بزرگن ۽ مکيه ماڻهن سان گڏجي سڄاڻ وٽ ويو. کيس مضبوط عقل وارو ۽ ڪامل ڏسي چيائين ته: خدا جو قسم سڄاڻ ڪ وڏي شان وارو آهي، هو سرداري ۽ سپه سالاريء جو لائق ۽ بهادر آهي: ۽ [پوء] ويٺي گڏجي ويٺا. هن کي امير معاويه، وڃڻ وقت [تاڪيد] ڪيو هو ته همٽيه سنڌ ۽ هند جون خبرون ڏيندو رهي. ڪجهاندر ڪالهائڻ وقت کانئس سنڌ جون خبرون پڇي لشڪر جي پڪي تياري ڪيائين.

(روايت:) عبدالرحمان بن عبد ربّه (۱) السّليطي کان هن طرح روايت ڪن ٿا ته هن چيو ته: مون عبدالرزاق بن سلمه کان ٻڌو ته، جڏهن راشد بن عمرو سنڌ ملڪ ۾ پهتو، [۸۱]

---

(۲) فارسي ايڊيشن ۾ هن جاء تي عبدالله آهي مگر پ ۽ ر. جي پڙهڻي "عبدربه" آهي جا صحيح آهي. فارسي ايڊيشن ۾ ص ۲۳۴ تي هن ساڳئي نالي جي پڙهڻي پ مطابق "عبدربه" ڏني وئي آهي ۽ ان جاء تي ب، ر ۽ م جي پڙهڻي "عبدربه" آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۽ کوه پايه جي دل وصول ڪري ڪيڪانان ويـو ۽ اتي وڃي اڳيئن ۽ پوئين دل وصول ڪرڻ سان گڏ غنيمتون ۽ بيشمار غلام، جيڪي قرجي ويا هئا، تن تي قبضو ڪيائين، تڏهن هڪ سال [اتي رهڻ] کان پوء موڪي سيستان جي رستي کان پنڌ ڪري، اچي کوه مُنْذر (۱) ۽ بَهْرَجْ وٽ پهتو. انهيءَ جبل جي ماٿن لشکر گڏ ڪيو، صبح کان ٻپهري جي نماز تائين جنگ ڪندا رهيا، ٿيٺ راشد شهيد ٿي ويو. [راشد جي شهيد ٿيڻ کان] (۲) پوء ملڪ وري سِنَانَ بن سَلَمَه جي حوالي ٿيو ۽ سِنَانَ بن سَلَمَه دوباره [گورنر جي حيثيت ۾] مستحڪم ٿيو (۲).

[سِنَانَ بن سَلَمه جي دوباره ايالت]

بَسّار اَلْقُرَشِيّ کان هن طرح روايت ڪئي اٿـن تہ

---

(۱) فارسي ايڊيشن ۾ "کوه مندر" پڙهڻي اختيار ڪيل آهي مگر پ، ن، ک، جي پڙهڻي "کوه منذر" آهي جا زياده قرين قياس آهي. غالباً انهيءَ جبل تي اهو نالو عرب جي پٽي هڪ گورنر "منذر بن جارود" جي ڪري پيو. (ن-ب) (۲)-(۲) فارسي ايڊيشن جي عبارت: "باز ولايت به سنان بن سلمه ديگر بار مستحكم شد" آهي جا شايد پ مطابق آهي. ن، ل، م مطابق: "باز ولايت بہ سنان بن سلمه دادند، سنان بن سلمه ديگر بار مستحكم شد." هي عبارت ڪليل آهي ۽ ترجمو بہ انهيءَ مطابق ڏنو ويو آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جڏهن راشد بن عمرو شهيد ٿيو، تڏهن زياد، سنان بن سلمه کي گورنر بنايو ۽ [مٿس] فخر ڪيائين، چاڪاڻ ته، هو پيغمبر صلي الله عليه وسلم جي زماني ۾ جائو هو، ۽ جڏهن سندس پيءُ کي [سندس جمڻ جي] خوشخبري ملي هئي ته پيغمبر صلي الله عليه وسلم فرمايو هو ته "يا سلمه آبشر بابنيک" (اي سلمه! پنهنجي پٽ تي خوش ٿي). تنهن تي هن عرض ڪيو هو ته: جيڪڏهن پاڻ کي ۽ هن کي الله جي وات ۾ قربان ڪريان ته [يقيناً] اهڙن هزار پٽن کان پلو ٿيندو، جيڪي خدا جي وات ۾ قربان نه ٿين. تنهن تي رسول الله صلي الله عليه وسلم هن جو نالو سنان رکيو. هو جڏهن اڳواڻ مقرر ٿيو، تڏهن سينگاريل لشکر سان وڙي اڳتي وڌيو، [۽] پيغمبر عليه الصلواة والسلام کي خواب ۾ ڏيکائين، جنهن فرمايس ته: تنهنجو پيءُ تنهنجي مردانگيءَ تي ناز ڪندو هو؛ اڄ تنهنجو ڏينهن آهي، گهٽيون ٽي ولايتون تنهنجي هٿ ايندڙن ۽ انهن جو سڏارو ٿيندو. [۸۳] پوء [سنان] اتان روانو ٿي، کي ملڪ هٿ هيٺ آڻي وڃي ڪيڪانان پهتو، ۽ جتي به پهتو ٿي ته چگهون رسمون قائم ڪيائين ٽي. آخر وڃي هڪ ڏيهه ۾ پهتو، جتي ساڻس ننڍي ڪري ڪيس شهيد ڪيائون، جنهن تي ابن خلاص العنبڪبري هي شعر چيو-

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

شعر:

أَبْلِغْ سِنَانَ ابْنَ مَنْصُورٍ وَ أَخْوَتَهُ
أَعْنِي هُدَيْتَ (۱)، كِرَاماً غَيْرَ أَغْمَارِ
إِنَّا عَتَبْنَا عَلَيْكُمْ فِي إِمَارَتِكُمْ
وَ الدَّهْرُ ذَا قَلَلٍ فِي النَّاسِ دَوَّارِ
يُعْطِي الْجَزِيلَ وَ يَنْشُرُ غَيْرَ مُسْتَتِرٍ
وَلَا يَزِيدُكَ شَرّاً (۱) بَعْدَ إِقْتِدَارِ
لَمْ يُنْزِلِ الْقَوْمَ إِذْ جُنَّتْ فَتَانَتُهُمْ (۱)
كَابْنِ الْمُعَلِّي وَلَا مِثْلُ ابْنِ سَوَّارِ
وَلَا ابْنَ مُرَّةَ إِذْ آوَدَى الزَّمَانُ بِهِ
كَمْ قَلَّلَ الدَّهْرُ مِنْ نَابٍ وَ أَظْفَارِ

---

(۱) فارسي ايديشن ۾ هَدَيْتَ جي بدلي هُدَيْلاً وَلَا يَزِيدُكَ شَرّاً جي بدلي وَلَا يَزِيدُكَ شَرِّي ۽ إِذْ جُنَّتْ فَتَانَتُهُمْ جي بدلي اذ جنّت فتانتهم پڙهيون ڏنل آهن. عت هُدَيْتَ. ولا يزيدك شرا ۽ اذ جُنَّتْ فَتَانَتُهُمْ پڙهيون اختيار ڪيون ويون آهن، جي علامہ عبدالعزيز الميني سابق پروفيسر عربي، مسلم يونيورسٽي عليگڙھ، فاضل ايڊيٽر (ڊاڪٽر داؤد پوٽا) ڏانهن لکي موڪليون هيون. ڏسو فارسي ايڊيشن، ص ۲۶۱. (نب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

[چئج سنان بن منصور، ان جي پائڻ کي،
اهي سڳورا جي آهـــن ڪريم، تجريڪار.
ٽياسون رنج توهان تي توهان جي اميريءَ ۾،
زمـــانـــو ڏاڍو آ تڪليف ده، وڏو ڪار.
ڏئي ٿو دولت تنهن کي پڇي نه جو دولت،
ٿئي فقير سان هرگز نه سو ڪڏهن غدار.
ٿئي ذليل جڏهن قـوم ڏيس ڪونه پناهه،
ڏئي جيئن اِبْن مُعَلّي، ڏئي جيئن اِبْن سوار.
يا جيئن ڏني ٽي اِبْن مُرّه پر ٽيو هو تباهه،
زماني کيئي ڪيا مرد شير دل بي ڪار.]

مُنْذِرْ بن جارُوْد بن بِشْر جو والي ٿيڻ.

ٻوء [هيءَ] ملڪ مُنْذِربن جارُوْد بن بِشْر جي حوالي ٿيو. جڏهن خليفي جي حڪم سان، مُنْذِر گورنريءَ جـي پوشاڪ پهري، سـن ايڪهٽ [هجري] ۾ جنـگ تي روانو ٿيو، تڏهن سندس ڪپڙو ڪنهن آپيءَ کانيءَ ۾ اڏڪي ڪالي ٻيو، [جنهن تي] عُبَيْدالله بـن زِيَاد [۸۳] غمگين ٿـي چيو تو: مُنْذِرْ جي فال چڱي نه ٿي آهي: آخر انهيءَ کان

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

موڪلائي موڻي آيو ۽ روئي چيائين ته مُنْذِر^ هن سفر تان موڻي ڪونه ايندو بلڪ مري ويندو. [هڪ ڏينهن] ابن زِيَاد کي عبدالعزيز چيو ته: مال نقصان ٿي رهيو آهي، ۽ توهان کنهن کي مقرر نٿا ڪريو چو؟ چيائين ته مُنْذِر^ کي موڪليو اٿم، جنهن سان لڙائي ۽ بهادريءَ ۾ ڪوبه مقابلو نٿو ڪري سگهي؛ جيڪڏهن بخت مددگاري ڪيس تہ مطلب حاصل ڪري موڻي ايندو.

(منذر جي حڪمراني) (١) مُنْذِر جڏهن اتان روانو ٿي دشمنن جي ملڪ ۾ پهتو ته [اوچتو] پُوڙالي [ندي] جي حد ۾ بيمار ٿيو ۽ ساهہ خدا تعالي جي حوالي ڪيائين. سندس پٽ حَڪَم بن مُنْذِر^ ڪيرمان ۾ هو، تنهن ڏانهن [بيماري جو] لکي موڪلياٿين. [هن جي مرڻ کان] پوء سندس [منذر جي] پاڻ، عبدالعزيز کان انهيءَ ملڪ جي [گورنري جي] گهر ڪئي؛ ۽ [عبدالعزيز وڃي حَجّاج سان گالهايو:] حجاج دروازي تي پهتو ته نماز جي بانگ جو آواز آيو. عبدالعزيز ڏانهن منهن ڪري، حَجّاج چيو تہ: بانگ جو آواز منهنجي ڪن تي نہ پوي ها ته سندس [يعني منذر جي] پاڻ کي انهيءَ خط آڻڻ سبب سزا ڏيان ها. اسان جي برگزيدن ۽ ڪيءَ ماڻهن سان هڪ بزرگ خدا تعالي جي واٽ ۾

---

(١) ن ۾ هي عبارت ڪانهي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

پنهنجي جان فدا ڪئي آهي، ۽ سندس جاءِ تي سندس پٽ موجود آهي، ۽ تون ٿو [پاڻس لاءِ] گورنري گهرين؟

حڪم بن منذر جو والي ٿيڻ

بيان ڪن ٿا تہ: جڏهن حڪم آيو، ۽ عبيدالله کي اطلاع ڏنائون، تڏهن هن ونو ۽ غمگين ٿيو ۽ سندس [منذر جي] پٽ [حڪم] کي گهرائي، کيس ٽي لک درهم بخشيائين. انهيءَ کان پوءِ بہ ڇهن مهينن تائين هند جي گورنري سندس حوالي هئي. جڏهن حڪم [گورنري جي] خلعت پهري ۽ هو هڪ همت وارو ۽ بهادر هو- تڏهن عبدالله [بن] آلاعور الحرمازي (١) انهي هي شعر پڙهيا [٨٤].

يا حكم بن المنذر بن الجارود
انت الجواد وابن الجواد محمود
سرادق المجد عليك ممدود
نبت في الجود في اصل الجود
[اي منذر- جارود جا فرزند حڪم!
آهين بيشڪ تون سخي ۽ سخي آهي محمود.
تو کي چوطرف بزرگي جو رهي ٿو گهيرو،
آهين جاڻو تون سخا ۾ تنهنجو بنياد آ جوڏ]

---

(١) اصل لفظ سيني نسخن ۾ "الحواري" آهي. کيل تصحيح لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيه ص ٨٤. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

عبدالملک بن مروان جي خلافت

تاريخ جي راوين هن طرح بيان ڪيو آهي تہ: جڏهن عبدالملک بن مروان آيو تہ هن عراق، هند ۽ سند حجاج بن يوسف کي ڏنا، ۽ حجاج، سعيد بن اسلم ڪلابي کي مڪران موڪليو. هن جي اتي پهچڻ کان پوء [هڪ شخص] سفهوي بن لام التحمامي، ازد [قبيلي] مان، اتي آيو. سعيد کانئس گهر ڪئي تہ: آءٌ جتي به منزل ڪريان تہ تون مون سان هج، ۽ منهنجو مددگار ٿيءَ. جواب ڏنائين تہ: مون وٽ لشکر ڪونہ آهي. تنهن تي هن چيو تہ: خلافت جي دفتر کي حڪم ٿو ڪريان. هن چيو تہ: خدا جو قسم تنهنجي زيردستيءَ ۾ نہ ايندس جو شرم ڏو اچيم. سعيد [ڪاوڙجي] هن کي پڪڑي، قتل ڪيو ۽ سندس ڪل لاهي ان جو سر حجاج ڏانهن موڪلي، پاڻ مڪران وڃي مقيم ٿيو، ۽ دل وصول ڪرڻ لاء اعتماد جوگها ماڻهو مقرر ڪري، صلح ۽ نرميءَ سان، هندستان جو گهٽوئي محصول وصول ڪيائين. آخر هڪ ڏينهن جيئن مال کنيو ٽي آيو تہ مرج (۱) ۾ عبلافيين سان مقابلو پيش آيس.

---

(۱) سيني نسخن ۾ "سرج" آهي. مرج جي معني گاهہ وارو ميدان؛ مگر هن خطبي ۾ اهڙي جڳهہ جو نالو عربي تاريخن يا جاگرافين ۾ نٿو ملي. غالباً هي لفظ "بهرج" جي بگڙيل صورتخطي آهي. فارسي ايڊيشن جي فاضل ايڈيٽر جي راء ۾ هي لفظ غالباً بهُرَج آهي. بهرج ڪرمان ۽ مڪران جي سرحد جو شهر هو، جنهن جو ذڪر هن ڪتاب جي ص ۷۶ تي اچي چڪو آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

عيلانين ۽ سندن بغاوت جي خبر

قُتَيْبَه بن اَشْعَث ڪان روايت ڪن ٿا تہ: هڪ ڏينهن ڪَلَيْب بن خلف [۸۵] المغني، عبدالله بن عبدالرحيم العِلافي ۽ محمد بن معاويه العِلافي وبهي پاڻ ۾ صلاح ڪئي تہ سفهوي بن لام اسان جي ملڪ عمان جو ماڻهو هو ۽ اسان جي طرف جو ساڻس لاڳاپو آهي: سعيد کي اسان جي قرابت وارن کي قتل ڪرڻ جو ڪهڙو حق آهي؟ سو جيئن هو [سعيد] دل ڪندو، موج (۱) ۾ ٿي آيو تہ [هن جي] سامهون ٽياء [پهريائين] گاليهيون ڪرڻ شروع ڪيائون، پوءِ ٻيٽ وچي جنگ جي حد ڪي ڇڏيا، ۽ علافين غلبو ڪري، سعيد کي ماري پاڻ مڪران ۾ ڪُپي ويٺا، جنهن تي فَرَزْدَق هي شعر چيو:

سَقَى اللّٰه قَبْراً بِالْعَقِيْقِ تَضَمَّنَتْ
فَوَارِسَهُ اَكْفَانًا عَلَيْكَ ثِيَابُهَا
[وَحُفْرَةَ بَيْتٍ اَنْتَ فِيْهَا مُوَسَّدٌ
وَقَدْ سُدَّ مِنْ دُوْنِ الْعَوَائِدِ بَابُهَا]
لَقَدْ ضَمِنَتْ اَرْضُ بِمَكْرَانَ سَيِّدًا
كَرِيْمًا اِذَا الْاَنْوَاءُ خَفَّ سَحَابُهَا

---

(۱) غالباً = بهُرج؛ ڏسو حاشيه ص ۱۱۷. (ن-ب)